REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) اربع 28 فيبروري 2024ع بمطابق 17 شعبان المعظم 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 274

نگران وزيراعظم قومي اسيمبلي اجلاس گهرائڻ لاءِ صدر کي بيهر ايڊوائس موڪلي ڇڏي

آئين تحت چونڊن جي 21 ڏينهن اندر اجلاس طلب ڪرڻ آئيني ڊيڊ لائن آهي، صدر آئين ۾ داخل ڊيڊ لائن موجب اجلاس گهرائي: نگران وزيراعظم پاران موڪليل سفارش

آئين جي آرٽيڪل 91 ۾ ڪٿي به اهو لکيل ناهي ته ايوان نامڪمل هجي ته اجلاس نه ٿو گهرائي سگهجي، صدر کي آرٽيڪل 91 تحت اجلاس روڪڻ جو اختيار ۽ استحقاق حاصل نه آهي: حڪومتي ذريعا

صدر ڪو آرٽيڪل 54 تحت عام اجلاس ملتوي ڪري سگهي ٿو، هي عام نه پر غير معمولي اجلاس آهي، اها آئيني گهرج آهي، ڪٿي به ناهي لکيل ته مخصوص سيٽون نه هجن ته اجلاس نه ٿوٽي سگهي

آئين جي آرٽيڪل 91 جي شق 2 تحت چونڊن جي 21 تاريخ تي اجلاس سڏائڻ ضروري آهي، ان باوجود صدر 29 فيبروري تي اجلاس نه گهرايو ته به اجلاس ساڳئي ڏينهن ٿيندو

نگران وزيراعظم قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ کي آئيني ڊيڊ لائن گذرڻ تي اجلاس گهرائڻ جو اختيار ڏئي ڇڏيو، قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ آئيني ڊيڊ لائن پوري ٿيڻ تي اجلاس گهرائڻ جو اصولي فيصلو ڪري ورتو

صدر هڪ پيرو پيهر آئين جي پيڪڙي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، 21 ڏينهن ڪانپوءِ اجلاس گهرائڻ جو اختيار صدر وٽ ناهي رهيو، آرٽيڪل 91 ۾ واضح آهي ته اجلاس چونڊن کان پوءِ 21 ڏينهن اندر ٿيڻو آهي: اسحاق ڊار

اسلام آباد (م ڊ) قومي اسيمبلي جو افتتاحي سيشن گهرائڻ ۾ صدر جي اعتراض تي نگران وزيراعظم صدر کي بيهر ايڊوائس موڪلڻ سان گڏوگڏ قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ کي اجلاس طلب ڪرڻ جو اختيار ڏئي ڇڏيو نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاکڙ صدر ڊاڪٽر عارف علوي جي تحت اسيمبلي اجلاس گهرائڻ جو تجويز ڏني آهي ۽ چيو آهي ته آئين تحت چونڊن جي 21 ڏينهن اندر اجلاس طلب ڪرڻ آئيني ڊيڊ لائن موجب اجلاس گهرائي. هوڏانهن صدر طرفان اجلاس نه گهرائڻ تي قومي اسيمبلي اجلاس گهرائڻ جا متبادل انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن. قومي اسيمبلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

مسئلن جي پاڻ تائين پهچي انهن جو خاتمو ڪنداسين: مريم نواز

مريم نواز جي صدارت هيٺ دربار هال سيڪريٽريٽ ۾ اجلاس، صوبائي ڪابينا جي ڪارڪردگي بابت بريفنگ ڏني وئي

مالياتي معاملن ۾ شفافيت تي سوديبازي نه ٿيندي، احتساب، شفافيت، ڪوالٽي ورڪ ۽ ٽائر ورڪ ريڊ لائن آهن: مريم نواز

ميرٽ جي پيڪڙي نه ڪنديس نه ٿيڻ ڏينديس، ڪا سياسي پرتي نه ٿيندي، عوام جا مسئلا فوري طور حل ڪيا وڃن



لاهور: پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز اجلاس جي صدارت ڪندي

لاهور (م ڊ) پنجاب جي وزير اعليٰ مريم نواز جيڪو آهي ته مالياتي معاملن ۾ شفافيت تي سوديبازي نه ٿيندي، احتساب، شفافيت، ڪوالٽي ورڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

نگران وزيراعظم "آپريشن سوئفٽ ريٽورٽ" جا پنج سال مڪمل ٿيڻ تي

هٿياربند فوج جي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (م ڊ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاکڙ "آپريشن سوئفٽ ريٽورٽ" جا پنج سال مڪمل ٿيڻ تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03



نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاکڙ

مراد علي شاهه وڏي وزير طور حلف کٽي ورتو

چونڊيل وڏي وزير گورنر هائوس ۾ ٽيل تقريب ۾ سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري کان حلف ورتو

وڏي وزير جي حلف برداري تقريب جي ميزباني چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نئين چونڊيل وڏي وزير سيد مراد علي شاهه گورنر هائوس ۾ ٽيل تقريب ۾ سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري کان حلف ورتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

استيبلشمينٽ چاهي ٿي ته اسيمبليون ۽ ماڻهو انهن موجب هجن: فضل الرحمان

2018 ۾ به چونڊ هٿاسين ڏانڊلي ٿي، اڄ به چئي رهيا آهيون ڏانڊلي ٿي، ايندڙ ڏينهن ۾ ٻڌائينڊس ته سسٽم اندر رهڻ وارا روئيندا

سڄي زندگي چونڊون وڙهيون آهن، ڏاڙهي چونڊن ۾ اڇي ٿي آهي، جيڪڏهن پي ٽي آءِ ڪٿي آهي ته ان کي حڪومت ڏيو

پشاور (م ڊ) جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته استيبلشمينٽ چاهي ٿي اسيمبليون به انهن موجب هجن ۽ ماڻهو به. آسان جي پوزيشن واضح آهي ته آسان ڪنهن حڪومت ۾ شامل ٿيڻ نٿا چاهيون. پشاور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07



جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان

ڪراچي: اليڪشن ڪميشن ٽن ڪن جي نتيجن خلاف داخل درخواستون رد ڪري ڇڏيون

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن ڪراچي جي قومي اسيمبلي جي ٽن ڪن جي نتيجن خلاف داخل ڪيل درخواستون رد ڪري ڇڏيون آهن. اليڪشن ڪميشن ڪنهي ڪن جي نتيجن خلاف درخواستگذارن کي اليڪشن ٽربيونل سان رابطو ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. اين اي 237 ڪراچي مان اميدوار ظهرالدين. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سني اتحاد ڪائونسل جي مخصوص سيٽن جو فيصلو نه ٿي سگهيو

اليڪشن ڪميشن ۾ سني اتحاد ڪائونسل خلاف داخل ڪرايل 6 درخواستن تي ٻڌڻي اڄ ٽائين ملتوي

اسان روڪيل مخصوص سيٽون پيپلزپارٽي ۽ نون ليگ کي ڏيڻ جي درخواست ڪئي آهي: فاروق ايڇ نائيڪ

سني اتحاد ڪائونسل آخري تاريخ ٽائين اليڪشن ڪميشن ۾ مخصوص سيٽن لاءِ ڪا فهرست ئي جمع نه ڪرائي: اعظم نذير تارڙ



اسلام آباد: ترڪمانستان جو سفير نگران وفاقي وزير محمد علي سان ملاقات ڪندي

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ جي حمايت يافته آزاد اميدوارن جي حصي جون مخصوص سيٽون پيپلزپارٽي، نواز ليگ ۽ ايم ڪيو ايم کي ڏيڻون وڃن: اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

عمران خان، عامر ڊوگر کي قومي اسيمبلي اسپيڪر جو اميدوار نامزد ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف عامر ڊوگر کي قومي اسيمبلي اسپيڪر جي اميدوار طور نامزد ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سني اتحاد ڪائونسل جون مخصوص سيٽون نه ٿيون نهن، نواز ليگ کي ڏيڻون وڃن: اعظم نذير

اسيمبليز ۾ مخصوص سيٽس صرف اليڪشن وڙهندڙ جماعتن لاءِ هونديون آهن، جن اليڪشن ڪٽي هجي

سني اتحاد ڪائونسل کي عوام اليڪشن ۾ رد ڪري ڇڏيو، ان ڪري هن ڪا به سيٽ ناهي ڪٽي

اسلام آباد (م ڊ) نواز ليگ چيو آهي ته اسيمبليز ۾ مخصوص سيٽس صرف اليڪشن وڙهندڙ جماعتن لاءِ هونديون آهن، جن اليڪشن ڪٽي هجي، سني اتحاد ڪائونسل کي عوام اليڪشن ۾ رد ڪري ڇڏيو، ان ڪري هن ڪا به سيٽ ناهي ڪٽي. مخصوص /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ايئر ايمبولينس پروجيڪٽ مريم جو نه پرويز الاهي جو هو: راجا بشارت

منصوبي تي ڪم 2003ع ۾ شروع ڪيو ويو، ميو اسپتال لاهور ۾ ايمبولينس هيليٽور ناهيو ويو

شهباز شريف حڪومت منصوبي تي ڪم روڪيو، پي ٽي آءِ جي دور ۾ منصوبي تي پيهر ڪم شروع ڪيو ويو

دوست ملڪ کان ايئر ايمبولينس ونڊ جو به معاهدو ٿيو، اهو مريم نواز جو ڪو قدم ناهي



پي ٽي آءِ اڇوٽ راجا بشارت

لاهور (ويب ڊيسڪ) پي ٽي آءِ اڇوٽ راجا بشارت جو چوڻ آهي ته ايئر ايمبولينس منصوبو مريم نواز جو نه پر پرويز الاهي جو منصوبو هو هڪ بيان ۾ راجا بشارت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پاڪستاني رپئي جي پيٽ ۾ اڄ آمريڪي ڊالر جي اڳهه ۾ معمولي واڌ

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستاني رپئي جي پيٽ ۾ اڄ آمريڪي ڊالر جي اڳهه ۾ معمولي واڌ ٿي آهي. انٽر بئنڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

بدقسمتي سان پاڪستان جي رياستي نظام ۾ اڄ به انگريزن جون روايتون هلن ٿيون: آءِ جي سنڌ

طاقت ۽ پئسي سان پيدا ٿيندڙ رتبي کي سماج ۾ هٿي ونرائڻ سان اسانجي ملڪ ۾ ناڪاري قدر پکڙيا آهن

وڇڙي ڪارڪردگي ۽ صلاحيتن وارو شاگرد اعليٰ عهدي ۽ مقام تي هن دور ۾ نٿو پهچي سگهي

اسان جي ملڪ ۾ پنهنجي سماجي رتبي لاءِ ماڻهو آفيسر ٿيندا آهن عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ نه: تقريب ۾ ڳالهيون



اسلام آباد: صدر عارف علوي سان نيشنل هرٽ فائونڊيشن جو وفد ملاقات ڪندي

جامشورو (رپورٽر) الرام ڊين، نااميدي پکيڙن، طاقت ۽ پئسي سان پيدا ٿيندڙ رتبي کي سماج ۾ هٿي ونرائڻ سان اسانجي ملڪ ۾ ناڪاري قدر پکڙيا آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر کي گارڊ آف آنر پيش ڪري الوداع ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر کي گارڊ آف آنر پيش ڪري الوداع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي ۾ جمعي تي تيز برسات ۽ ڪڙي جو امڪان، تڏ وڏي ويندي

جامشورو، ٺٽي، ٿرپارڪر، بدين، عمرڪوٽ، ميرپورخاص، حيدرآباد، ٽنڊي الهيار ۾ برسات پوندي

ٽنڊي محمد خان، نوشهري فيروز، شهيد بينظير آباد ۾ به ڪنڊ ۽ ڳجهوڙ سان برسات جو امڪان

ڪراچي (رپورٽر) بلوچستان ۾ داخل ٿيندڙ اولهه هوائن جي سلسلي جي اثر سبب جمعي تي ڪراچي ۾ ڪنڊ ۽ ڳجهوڙ سان برسات جو امڪان آهي. جنهن سان ٺڏ جي لهر ۾ واڌ ٿي سگهي ٿي. موسميات ڪاتي ارلي وارننگ سينٽر جي جاري ڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

انتهاپسندي جو خاتمو ضروري آهي، امن جي ڳولا گڏيل ذميواري آهي: مرتضيٰ سولنگي

مختلف ادارن جي گڏيل ڪوشش سان گڏ بيئل آهيون جيڪي ملڪ ۾ امن جي بنياد کي مضبوط ڪرڻ ۾ مصروف آهن

پاڪستان حڪومت، عالمي اداري ۽ مقامي تنظيمون هر ڪا امن، رواداري ۽ هم آهنگي جي لاءِ پنهنجو منفرد حصو وجهي رهيا آهن

اسان جي قوم معيشت، سياست ۽ ماحولياتي خدشن جي مُشڪل دائرن مان گذري رهي آهي: تقريب ۾ ڳالهيون



اسلام آباد: نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي تقريب کي خطاب ڪندي

اسلام آباد (م ڊ) اطلاعات، نشريات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي انتهاپسندي جي خاتمي جي ضرورت تي زور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

آغا سراج درائي خلاف آمدني ڪان وڌيڪ اثاثن واري ڪيس جي ٻڌڻي 28 مارچ تائين ملتوي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي احتساب ڪورٽ اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر آغا سراج درائي خلاف آمدني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سنڌ ۽ پنجاب اسيمبلي جا سيشن به غيرقانوني ٿيا: بئرسٽر گوهر

اميد ڪريون ٿا ته مخصوص سيٽن تي اليڪشن ڪميشن جو فيصلو انصاف تي ٻڌل هوندو

پنجاب مان 10 ۽ ڪي پي مان 9 ايم پي ايز سني اتحاد ۾ شامل ٿيا آهن : ميڊيا سان ڳالهيون

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ بئرسٽر گوهر جيو آهي ته ڪي پي مان 50 سال اڳ هٽاسين پنهنجي بيان ۾ پي ٽي آءِ ترجمان جيو ته مقبول عوامي نمائندن کي خيبرپختونخوا ڪيسن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

9 صوبائي اسيمبلي سيمبر سني اتحاد ۾ شامل ٿيا آهن. اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي پي ٽي آءِ اڳواڻ گهرخان چيو ته خيبرپختونخوا مان نوصوبائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

بلوچستان جي مختلف شهرن ۾ برسات ۽ برفباري، ٽڏ جي شدت ۾ واڌ

قلعه عبدالله، توبه اچڪزئي، زيارت، خانوزئي، ڪان مهترزئي ۽ مسلم باغ ۾ برفباري

برفباري ڪان پوءِ ڪوئٽه ۽ پرياسي جي علائقن ۾ برسات پڻ پئي جنهن سبب ٽڏ جي شدت ۾ واڌ ٿي وئي

اترڻ ڏکڻ وزيرستان ٽانڪ، هنگو، اورڪزئي، لڪي مروت ۾ ڪٿي برسات ته ڪٿي برفباري سبب موسم ٽڏو ٿي ويو

ڪوئٽه (م ڊ) بلوچستان جي مختلف شهرن ۾ برسات ۽ برفباري سبب ٽڏ جي شدت ۾ واڌ ٿي رئي آهي. قلعه عبدالله، توبه اچڪزئي، زيارت، خانوزئي، ڪان مهترزئي ۽ ڪاکڙي، زيارت، خانوزئي، ڪان مهترزئي ۽ مسلم باغ ۾ برفباري جو سلسلو جاري آهي. برفباري سبب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

عارف علوي تي آئين ٽوڙڻ جا به ڪيس ٿيندا: بلاول ڀٽو زرداري

عارف علوي تي هڪ ڪيس بي اعتمادي جي رڪ رقت اسيمبلي ٽوڙڻ جو ٿيندو، عارف علوي تي ٻيو ڪيس آئين موجب قومي اسيمبلي اجلاس نه گهرائڻ تي ٿيندو، چونڊ عمل ذريعي عارف علوي جي جاءِ تي ٻيو صدر آڻيندا سين

عدالت ۾ وڪيلن ثبوتن جا ڇاڙ پيش ڪيا آهن ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو عدالتي قتل ڪيو ويو، جج صاحبن جي سامهون تيزي سان ثبوت پيش ڪيا پيا وڃن، قائد عوام، آسان کي ۽ عوام کي انصاف ملندو

ذوالفقار علي ڀٽو جو ٽرائل نه عدالتي قتل ٿيو هو، وڪيل ثابت ڪرڻ وارا آهن ته شهيد ڀٽو جو ٽرائل نه جڊيشل قتل ٿيو هو، تاريخ درست ڪرڻ لاءِ پهريون قدم ڀٽو ريفرنس جو فيصلو هوندو

سياستدانن کي هڪ ٻئي جي عزت ۽ احترام ڪرڻ گهرجي، سياستدانن کي فيصلو ڪرڻو پوندو ته هڪ ٻئي جي عزت ڪن، هڪ ٻئي جي عزت نه ڪندا ته اميد نه رکو ته بيوروڪريسي به عزت ڪري

مان حڪومت ناهڻ جي پوزيشن ۾ نه آهيان، منهنجا نمبر اڌ ناهن، مان چئي سگهان پيو ته اسيمبلي عمل کان لاتعلقي ڪريان ٿو، افسوس پاڪستان جي عوام مون کي اهو مينڈيٽ نه ڏنو

سني اتحاد منهنجو ووٽ گهريو ئي نه ته ڪنهن ٻئي جي حڪومت نهڻ جو اعتراض چو؟ سني اتحاد جا ٽورائٽا آهيون جن مريم نواز ۽ مراد علي شاهه جي مخالفت نه ڪئي: سپريم ڪورٽ باهران ميڊيا سان ڳالهيون

اسلام آباد (م ڊ) پ پ چيئرمين ۽ آگرڻي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جيو آهي ته عدالت ۾ وڪيلن ثبوتن جا ڇاڙ پيش ڪيا آهن ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو عدالتي قتل ٿيو هو، وڪيل ثابت ڪرڻ وارا آهن ته شهيد ڀٽو جو ٽرائل نه جڊيشل قتل ٿيو هو، تاريخ درست ڪرڻ لاءِ پهريون قدم ڀٽو ريفرنس جو فيصلو هوندو

قتل ڪيو ويو سپريم ڪورٽ باهران ميڊيا سان ڳالهائيندي بلاول ڀٽو زرداري جيو ته جج صاحبن جي سامهون تيزي سان ثبوت پيش ڪيا پيا وڃن، قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو سنديس جوڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04



اسلام آباد: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ميڊيا سان ڳالهائيندي

خيبرپختونخواهه ۾ دهشتگردن جو حملو: ايس پي شهيد، ڊي ايس پي سميت 3 اهلڪار زخمي

مردان جي تعلقي ڪانلنگ جي علاقي زڙمنه ۾ دهشتگردن طرفان پوليس تي حملو ڪيو ويو

گولي لڳڻ سبب ايس پي اعجاز خان شهيد ٿي ويو جڏهن ته ڊي ايس پي سميت 3 اهلڪار سخت زخمي ٿي پيا

واقعي کان پوءِ فورسز طرفان انٽيليجنس بيسڊ آپريشن، هاءِ ويليو ٽارگيٽ ڪلر محسن قادر سائي سميت مارجي ويو

مردان (م ڊ) خيبرپختونخواهه ۾ دهشتگردن پوليس مقان فائرنگ شروع ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ ايس پي سميت 3 اهلڪار سخت زخمي ٿي پيا آهن. ريسڪيو 1122 موجب مردان جي تعلقي ڪانلنگ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

190 ملين پائونڊ ڪيس: عمران خان ۽ بشريٰ بي بي ٿي فرد جرم لاڳو

عمران خان طرفان بئرسٽر صفدر عميرنيازي ۽ ٻيا وڪيل پيش، نيب طرفان ڊپٽي پراسيڪيوٽر سردار مظفر عباسي دليل ڏنا

هو ڪيس ۾ دير نٿا چاهن، اٺ فيبروري کان پهرين نيب کي تڪڙ هئي، تڪڙي سزا چاهن ٿا: عمران خان

ايا تائين ڏنڊن جو چيڪ اپ ناهي ٿيو جيل انتظاميا چيو هو آڇ ڏاڻي ڊاڪٽر ايندو هاڻي ايندڙ آڇ ٿي ڊاڪٽر ايندو

راولپنڈي (م ڊ) احتساب عدالت 190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ عمران خان ۽ بشريٰ بي بي ٿي فرد جرم لاڳو ڪري چڏيو. احتساب عدالت جي جج ناصر جاويد اڊيالا جيل ۾ 190 ملين پائونڊ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي، ان سلسلي ۾ بشريٰ بي بي کي بني گالا کان اڊيالا جيل منتقل ڪيو ويو. بي ٽي آءِ بانيء عمران خان طرفان بئرسٽر صفدر عميرنيازي ۽ ٻيا وڪيل عدالت ۾ پيش ٿيا جڏهن ته نيب طرفان ڊپٽي پراسيڪيوٽر سردار مظفر عباسي دليل ڏنا. ٻڌڻي دوران عمران خان ۽ بشريٰ بي بي عدالت جي ڪمري ۾ موجود هئا. عدالت ٻنهي جوابدارن جي موجودگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09



ڪراچي: گورنر ڪامران ٽيسوري مراد علي شاهه کان وڏ وزارت جو حلف وٺي رهيو آهي

ڪراچي ۾ پي ايس ايل ميچن لاءِ سيڪيورٽي پلان تيار، هدايتون جاري

پي ايس ايل جون ميچون 28 فيبروري کان 18 مارچ تائين جاري رهنديون

ايس ايس يو جا هڪ هزار ڪمانڊوز سيڪيورٽي جا فرض انجام ڏيندا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ پاڪستان سپر ليگ جي ميچن لاءِ فول پروف سيڪيورٽي پلان تيار ڪيو ويو آهي. ڪراچي ۾ پي ايس ايل جون ميچون 28 فيبروري کان 18 مارچ تائين جاري رهنديون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پاڪستان ۾ بيمارين جو علاج مهانگو آهي، صحت جي نظام تي ٻار پوي ٿو: صدر عارف علوي

بيمارين کان بچاءَ سان ملڪ جي صحت جي نظام تي دٻاءُ ۾ گهٽتائي ايندي

غيرمتعدي مرضن ۽ دل جي مرضن جي روڪٿام لاءِ آگاهي پيدا ڪرڻي پوندي

اسلام آباد (م ڊ) صدر ڊاڪٽر عارف علوي مرضن جي اعلان کان وڌيڪ بچاءَ تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پهرين مارچ کان پيٽرول 4 روپيه مهانگو ٿيڻ جو امڪان

ڊيزل 2 روپيه 50 پئسا في ليٽر مهانگو ٿيڻ جو امڪان آهي: ذريعا

گاسليٽ 2 روپيه 92 پئسا في ليٽر مهانگو ٿي سگهي ٿو

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت بجلي کان پوء پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ به واڌ جي تياري ڪري ورتي آهي. ذريعن موجب پهرين مارچ کان پيٽروليم شين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پارٽي رياست آسام ۾ 89 سال پراڻو مسلمان جي شادي وارو قانون ختم

حڪومت شادي، طلاق، هنج وٺڻ ۽ ورائت لاءِ هڪ جهڙا شهري قانون لاڳو ڪرڻ چاهي پئي

اهڙائي قانون اتراکنڊ رياست ۾ هلندڙ مهيني کان لاڳو ٿي ويو آهي

ٿئين دهلي (م ڊ) پارٽي جنتا پارٽي جي حڪومت پارٽي رياست آسام ۾ 89 سال پراڻي مسلمان جي شادي جي قانون کي ختم ڪري ڇڏيو جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

چنڊ تي موڪليل آمريڪي مشن وقت کان اڳ ختم ٿي ويو

اوڊيشين نالي لينڊر چنڊ جي سطح تي غلط پوزيشن ۾ لينڊ ڪيو

ناسا ان مشن لاءِ آمريڪي ڪمپني جي پائيواري سان موڪليو هو

واشنگٽن (ويب ڊيسڪ) آمريڪا جو 5 ڏاهاڪن کان وڌيڪ عرصي کان پيو، چند تي موڪليل پهرين مشن وقت کان اڳ ختم ٿي ويو آمريڪا جي هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

منگوليا ۾ سخت ٽڏ سبب 20 لک جانور مري ويا

بک ۽ ٺڪ جي نتيجي ۾ 21 لک ڍور مري چڪا آهن: زراعت واري وزارت

موسمياتي تبديلي جي نتيجي ۾ ان جي شدت وڌي رهي آهي: گڏيل قومون

اولانبتار (م ڊ) منگوليا ۾ سخت ٽڏ ۽ برفباري سبب هلندڙ سياري جي موسر ۾ هيل تائين 20 لک ڪان وڌيڪ جانور مري چڪا آهن. برڊيهي خاڪبرو اداري جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ فائرنگ، 4 ڄڻا مارجي ويا

ڪورنگي جي مهراڻ ٽائون ۾ هٿياربندن هٿان 45 ورهين جو عبدالمجيد مارجي ويو

پراڻي سبزي منڊي وٽ 45 ورهين جي شخص جو گولين لڳل لاش هٿ آيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ فائرنگ. 4 ڄڻا مارجي ويا. ڪورنگي جي مهراڻ ٽائون ۾ هٿياربندن هٿان 45 ورهين جو عبدالمجيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25



فيصل آباد: وفاقي محتسب سيلاني ويلفيئر جي ڪمپيوٽر ليب جو افتتاح ڪندي

بئنڪ آف آمريڪا پاڪستان جي ڊالر بانڊ جو درجو هيوي ويٽ ڪري ڇڏيو

پاڪستان جي ڊالر بانڊ جو اڳهه مارڪيٽ جي اڳهه کان وڌيڪ آهي: بئنڪ آف آمريڪا

پاڪستان ۾ اليڪشن سياسي بي يقيني گهٽائي ڇڏي آهي: مالياتي خابرو اداروبلوم برگ

پاڪستان جي ڊالر بانڊ ۾ عالمي سيڙپڪارن جي دلچسپي ۾ واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) بئنڪ آف آمريڪا پاڪستان جي ڊالر بانڊ جو درجو مارڪيٽ ويٽ مان وڌائي هيوي ويٽ ڪري ڇڏيو بئنڪ آف آمريڪا مرحب پاڪستان جي ڊالر بانڊ جو اڳهه مارڪيٽ جي اڳهه کان وڌيڪ آهي. تنهن ڪري پاڪستان جي ڊالر بانڊ جو درجو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ملير جي اسڪولن جي عمارتون زبون حال، ڇتن جا ڇاپڙ ڪري پيا

گڏاپ ۾ ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۽ گرلز لوئر سيڪينڊري اسڪول جا ڇاپڙ ڪري پوڻ سبب شاگردن ۾ ڀاڄ پئجي وئي

ٻارن ۾ خوف پکڙجي ويو، ڪافي سارين بلڊنگ تباهه حالي جو شڪار آهن ورڪس ڊپارٽمينٽ کي لکي ڇڏيو آهي

حسين بلوچ پرائمري اسڪول جي ٻارن کي ٻئي هنڌ منتقل ڪيون پيا، ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ سبب ڪو جاني نقصان ناهي: ڊي اي او

ملير(ڊ ر) ملير ۾ اسڪولن جي عمارتن جي زبون حالت 2اسڪولن جي ڇت جا ڇاپڙ ڪري پيا چتين جا ڇاپڙ ڪرڻ وقت شاگردن بچي جان بچائي ملير ۾ ڪيترن ئي اسڪولن جون عمارتون انتهائي زبون شاگردن شاگردياڻين ۽ استادن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23



ملير: اسڪول جا ڇاپڙ ڪرڻ سبب بند پيل آهي

سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس دادو ۾ تعليمي سال مڪمل ٿيڻ تي تقريب ٿي گذري

دادو(رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) سنڌ يونيورسٽي دادو محترمه بينظير ڀٽو شهيد ڪيمپس جي نون شاگردن جي آمد ۽ پراڻن شاگردن جي تعليمي سال مڪمل ٿيڻ تي تقريب ٿي گذري جنهن ۾ خصوصي مهمان طور دادو جو ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين راهوجو هو جڏهن ته دادو ڪيمپس جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٽنڊو محمد خان ۾ جي ڊي اي پاران چونڊن ۾ ڌانڌلين خلاف احتجاجي مظاهرو

ملڪ جي تاريخ ۾ اليڪشن ۾ رڪارڊ ڌانڌلي ڪئي وئي آهي، جنهن سان جمهوريت جو قتل ڪيو ويو آهي: اڳواڻ

عوام جي ڏنل ووٽن جي توهين ڪئي وئي آهي، اليڪشن ڪميشن کان چونڊن جي اعليٰ سطح تي جانچ ڪرائي وڃي

فوري طور نتيجا روڪي ڌانڌلين جو نوٽيس وٺي ٿيل ڌانڌلي وارن تڪن تي ٻيهر اليڪشن ڪرائي وڃي

ٽنڊو محمد خان(رپورٽ: ايم علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ جي ڊي اي طرفان چونڊ مرحلي ۾ ڌانڌلي خلاف احتجاج ، مظاهرو ، ڌرڻو ، خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ جي ڊي اي طرفان ڏنل احتجاجي سڏ جي موٽ ۾ ايس يو پي ، تحريڪ انصاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24



ٽنڊو محمد خان: جي ڊي اي پاران اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر: وفاقي محتسب اعليٰ ۾ مٽي ۽ ريتي ڪٽڻ وارين شڪايتن تي ٻڌڻي ٿي

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) ريجنل هيڊ وفاقي محتسب سيد محمود علي شاهه کي عبدالجبار سومرو، بابو يونس سومرو، رياض احمد ڀٽو ۽ سردار سڪندر خان ڪاڪي پوٽو پاران داخل ڪرايل شڪايت تي ٻڌايو ويو ته نيشنل هاءِ وي تي ٽرڪن تي مٽي ۽ ريتي ڪٽڻ وقت پوليس طرفان ڪو به احتياط نه ڪيو ويو اختيارين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ملير ۾ مارڪيٽ ڪاميٽي جو رمضان شريف جي حوالي اجلاس ٿي گذريو

واپاري ڪردار ادا ڪندي شهرين کي سستي اگهه تي ڀاڄيون ۽ ميوا فراهم ڪن: علي زمان جوکيو

فوٽ پاٿن ۽ روڊن تي حدخلين جي ٻيڪڙي ڪندڙن کي برداشت نه ڪيو ويندو

مارڪيٽ ڪميٽي جي ٽيڪسن ۾ اضافي سان گڏوگڏ روينيو وڌائڻ جي قرارداد جي منظوري ڏني

ملير (ڊ ر) چيئرمين مارڪيٽ ڪميٽي ڪراچي علي زمان جوکيو جي صدارت هيٺ مارڪيٽ ڪميٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26



ملير: مارڪيٽ جي اڳواڻن جو اجلاس ٿي رهيو آهي

نوشهرو فيروز ۾ ڊاڪٽر کي ڌمڪيون ملڻ خلاف احتجاج

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) انتهائي ذميدار ذريعن موجب سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني ۽ دهشتگردڪاروايون سبب اگهڙي سول سرجن مدد ڪل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڪڏڙو ۾ نياڻين کي تعليم جي حوالي سان سيمينار ٿي گذريو

پروگرام جي شروعات تلاوت قرآن پاڪ سان ڪئي وئي، پروگرام ۾ اسڪولن جي شاگرديائين توڙي شاگردن شرڪت ڪئي

نياڻين کي گهر ۾ ويهارڻ کان بهتر آهي ته نياڻي کي تعليم ڏياريو، نياڻين لاءِ تعليم کان وڌيڪ آهي، نياڻين کي وڌ مان وڌ تعليم ڏياري وڃي: اڳواڻ

اسڪول جي ٻارن تعليم ڪهڙي تالانه ڪين جي حوالي سان مختلف ٽيبلوز تاهي پيش ڪيا ويا، تعليم ۾ پيش ايندڙ مسئلن بابت آگاهي ڏني وئي

ڪڏڙو (رپورٽ: شاهه الله ٽالپر) ڪڏڙو شهر جي مين پرائمري بوائز اسڪول ڪڏڙو ۾ نياڻين کي تعليم ڏيارو جي حوالي سان هڪ شاندار پروگرام منعقد ڪيو ويو، پروگرام جي شروعات تلاوت قرآن پاڪ سان ڪئي وئي پروگرام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

گهگهر ۾ پوليو هيلٿ ورڪرن پاران نيڪالي خلاف احتجاج

ٻين علائقن جا ماڻهو ڀرتي ڪري مقامي ماڻهن جي روزگار تي لت ڏني پئي وڃي: مظاهرين

روزگار جو پهريون حق مقامي ماڻهن جو آهي، مطالبا نه مڃيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ٻين علائقن جي ماڻهن کي ڀرتي ڪري مقامي ماڻهن جي روزگار تي لت ڏني پئي وڃي، احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ملير(رپورٽ: فاروق پنگوار) گهگهر ۾ پوليو هيلٿ ورڪرن جي نيڪالي خلاف احتجاجي مظاهرو، ٻين علائقن جا ماڻهو ڀرتي ڪري مقامي ماڻهن جي روزگار تي لت ڏني پئي وڃي، روزگار جو پهريون حق مقامي ماڻهن جو آهي، اسان جا جائز مطالبا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

جهڏو ۾ چونڊن ۾ ڌانڌلي خلاف جي ڊي اي سميت مختلف پارٽين جو احتجاج

چونڊن ۾ ڌانڌلي ڪري اسان جي مينڊيٽ کي ختم ڪيو ويو ۽ مخالفن کي غير آئيني ۽ غير قانوني طريقي سان ڪامياب ڪرايو ويو: اڳواڻ

ڪراچي ۾ پرامن احتجاج ڪندڙن خاص ڪري عورتن تي تشدد ڪيو ويو، اسان جي اڳواڻن کي به تشدد جو نشانو بڻايو ويو

ڪارڪنن کي غيرقانوني گرفتار ڪري ناروا سلوڪ ڪيو ويو، جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا

جهڏو(رپورٽر)جهڏو ۾ جي ڊي اي، پاڪستان تحريڪ انصاف، جماعت اسلامي، قومي عوامي تحريڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30



جهڏو: جي ڊي اي پاران اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر: جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ٿيا، احتجاج جاري

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ)198ڏينهن گذري ويا پر سکر پوليس شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام رهي، نگران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سکر ۾ پوليس ۽ ڌوهارين ۾ مقابلو، ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار

پٽني ٿاڻي جي حد ڪنڌرا لنڪ روڊ تي پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مقابلو ٿيو، ڌاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو

زخمي گرفتار ٿيل جوابدار ڦر، ڌاڙن، ڌاڙن، پوليس مقابلن سميت ڪيترن ئي سنگين واقعن ۾ پوليس کي گهربل هو: پوليس

زخمي گرفتار ٿيل جو وڌيڪ ڏوهن جي رڪارڊ بابت ٿاڻن ۽ مختلف ضلعن جي ٿاڻن مان ڄاڻ حاصل ڪئي پئي وڃي

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مبينا مقابلو، هڪ ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار، هٿيار هٿ ان سلسلي ۾ سکر پوليس جي ترجمان محمد بخش بلوچ موجب پٽني ٿاڻي جي حد ڪنڌرا لنڪ روڊ تي پوليس ۽ ڌوهارين وچ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نئون ڪوٽ ۾ اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف جي ڊي اي جي سڏ تي احتجاج

نئون ڪوٽ ۾ جي ڊي اي ڪارڪنن فقير اسحاق چانديو، فقير اسلم چانديو جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

اليڪشن ۾ ڌانڌلي ڪري ڪي ڪنيل اميدوارن کي هارايو ويو آهي، اسان هن جعلي اليڪشن کي قبول نٿا ڪيون: اڳواڻ

اسان جو مئنڊيٽ چوري ڪري اسان جي حقن تي ڌاڙو هنيو ويو آهي، چيف آف آرمي اسٽاف، سپريم ڪورٽ آف پاڪستان کان چونڊون رد ڪرائي ٻيهر ڪرائڻ

نئون ڪوٽ (رپورٽر) 8 فيبروري 2024 تي ٿيندڙ عام چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف جي ڊي اي جي سڏ تي نئون ڪوٽ ۾ جي ڊي اي ڪارڪنن فقير اسحاق چانديو فقير اسلم چانديو فقير يعقوب چانديو جي اڳواڻي ۾ نئونڪوٽ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو اڳواڻن نامنظور نا منظور جعلي اليڪشن نامنظور جا نعرا هڻندي چيو اليڪشن ۾ ڌانڌلي ڪري ڪي ڪنيل اميدوارن کي هارايو ويو آهي، اسان هن جعلي اليڪشن کي قبول نٿا ڪيون هنن چيو ته اسان جو مئنڊيٽ چوري ڪري اسان جي حقن تي ڌاڙو هنيو ويو آهي هنن چيف آف آرمي اسٽاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33



مانجهند ۾ ٽائون ملازمن کي پگهارون نه مليو، احتجاج جاري

مانجهند (رپورٽ: مهراڻ عمراڻي) مانجهند ٽائون ملازمن جو ٻن مهينن کان پگهارون نه ملڻ خلاف ڇٺي ڏينهن به علامتي بک هڙتال يڪجهتي لاءِ وڪيلن جو وفد پهتو قانوني مدد جو اعلان تفصيل موجب مانجهند ۾ ٽائون ملازمن جو ٻن مهينن کان پگهارون نه ملڻ ۽ مبينا 48لک بجيٽ ۾ ڪرپشن خلاف ڇٺي ڏينهن به علامتي بک هڙتال ڪئي وئي ڪيمپ تي وڪيلن جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

نڪراٽي ۾ جي ڊي اي جي ڪارڪنن پاران اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف احتجاج

عام چونڊن ۾ پيپلزپارٽي رڪارڊ ڌانڌليون ڪري ڪاميابي ماڻي آهي جيڪو عوام جي ووٽ مٿان ڌاڙو آهي: اڳواڻ

ڪراچي ۾ پوليس پيپلزپارٽي اڳواڻن جي ونگار رهندي پُرامن احتجاج ڪندڙ ڪارڪنن مٿان تشدد ڪيو جنهن جي مذمت ڪريون ٿا

نڪرانو (ن سنڌيار) نڪراٽي ۾ جي ڊي اي ڪارڪنن جو چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف احتجاجي مظاهرو ب ب سرڪار خلاف نعريبازي ب ب عوام جي ووٽن تي ڌاڙو هنيو آهي نوٽيس ورتو وڃي مطالبو خبر موجب نڪرانو ۾ جي ڊي اي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20



نڪرانو: جي ڊي اي پاران اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

دادو ۾ پي ٽي آءِ ڪارڪنن جو اليڪشن ۾ ڌانڌلي خلاف احتجاج

اليڪشن 2024 ۾ ڌانڌلي خلاف اڄوڪو ڪارو ڏينهن ملهايو ويو آهي: اڳواڻ

حڪمران جيسين تائين عوام جو ڪسيل مينڊيٽ واپس نه ڪندا تيستائين جدوجهد جاري رهندي

دادو(رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني چيئرمين عمران خان سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ جي سڏ تي جنرل اليڪشن 2024 ۾ ٿيل ڌانڌلي ۽ مينڊيٽ چوري خلاف دادو ۾ ضلعي صدر حيدر سيال ۽ ظهير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪراچي: ڪارساز ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي بابت اجلاس ٿي گذريو

سلمان عبدالله مراد جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ واٽر ڪارپوريشن جي عملي شرڪت ڪئي

شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا مسئلا هنگامي بنيادن تي حل ڪيا وڃن: ڊپٽي ميئر ڪراچي

ڪراچي (رپورٽر) ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد جي صدارت هيٺ چيئرمين سيڪريٽريٽ ڪارساز ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي بابت اعليٰ سطحي اجلاس ٿي گذريو. اجلاس ۾ ميئر ڪراچي جو سياسي معاملن بابت خاص /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18



ڪراچي: ڪارساز ۾ پاڻي جي فراهمي بابت اجلاس ٿي رهيو آهي

سکر ۾ ٽرانسپورٽ اٿارٽي جي ڪارروائي، گاڏين جا چالان ڪاٽيا ويا

ٽريفڪ ضابطن تي عمل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي: ٽرانسپورٽ اٿارٽي

روڊ تي ٽريفڪ ۾ رڪاوٽ وجهندڙ گاڏين خلاف ڊپارٽمينٽل ايڪشن ورتو ويندو

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) ڊپٽي ڪمشنر سکر جي هدايتن تي قومي شاهراهه تي ٽريفڪ جام ۽ ٽريفڪ پارڪنگ جي ناقص پارڪنگ جي شڪايتن تي ٽرانسپورٽ اٿارٽي سکر جي سيڪريٽري فياض احمد منگي پنهنجي ٽيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٺٽي ۾ زمين تي قبضي خلاف غلام الله واسين جو مظاهرو

ٻاٿرن زمين تي هٿيار بند ويهاري ڇڏيا آهن، جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: مظاهرين

مون وٽ منهنجي سروي زمين جي ڪاغذ پڻ موجود آهن، اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺن

ٺٽو (ور) ب ب غلام الله جي اڳواڻن ستار لاکاٽي ملاح ۽ ب ب يوسي غلام الله جي وائيس چيئرمين خيرو ماچيرو ملاح پاران غلام الله شهر جي رهائشي غلام قادر ڪنڀار جي سروي زمين تي قبضو ڪري هٿيار بند ويهاري ڇڏيا تفصيلن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

واٽر ڪارپوريشن پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا انتظام مڪمل ڪري ورتا آهن: ترجمان واٽر ڪارپوريشن

نيشنل بئنڪ اسٽيڊيم ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن

پي ايس ايل دوران اسٽيڊيم اندر واٽر ٽينڪرز، جيٽنگ ۽ سڪشن مشينون موجود رهنديون

ڪراچي (رپورٽر) ترجمان واٽر ڪارپوريشن پنهنجي جاري ڪيل هڪ بيان ۾ چيو ته واٽر ڪارپوريشن پي ايس ايل کان اڳ نيشنل بئنڪ اسٽيڊيم ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا سمورا انتظام مڪمل ڪري ورتا آهن، ان ڏس ۾ سي او او /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهرو فيروز ۾ عورت پاران پنهنجي مڙس سان گڏجي ٻاٿرن خلاف احتجاج

منهنجي ڌي کي سهرو ۽ مڙس مسلسل تشدد ڪندا رهندا آهن: عورت

منهنجي ڌي تي تشدد ڪري گهر ڪري ڇڏيو آهي، هڪ نياڻي جو اولاد آهي

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ ڪوڙو خان لاشاري جي رهواسڻ مسمات ياسمين پنهنجي مڙس غلام علي لاشاري سان گڏجي ٻاٿرن جي ظلمن کان تنگ ٿي ڪري نيشنل پريس ڪلب تي پهچي ميڊيا کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14



نوشهرو فيروز: عورت پنهنجي مڙس سان گڏجي ٻاٿرن خلاف احتجاج ڪندي

ڪنڊڪوٽ ۾ جي ڊي اي پاران اليڪشن ۾ ڌانڌلي خلاف احتجاج

مظاهرين مختلف پارٽين پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

چونڊن ۾ ڌانڌلي ڪئي وئي، اهڙي اليڪشن ۾ ملڪ ۾ بحران پيدا ٿيندو: اڳواڻ

ڪنڊڪوٽ (رپورٽ: جنيد غالب بلوچ) ڪنڊڪوٽ ۾ جي يو آءِ، پي ٽي آءِ، جماعت اسلامي ۽ ٻين پارٽين عام چونڊن ۾ ڌانڌلي خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهرو فيروز ۾ اکين جي نور محروم ڳوٺاڻن جو پاءُ جي گمشدگي خلاف احتجاج

پاءُ هڪ ڪروڙ 60لک ۽ به فائل کڻي ويو هو، اسٽيٽ ايجنسي جو ڪم ڪندو آهي: مظاهرين

پاءُ کي ٻاٿرن گم ڪري ڇڏيو آهي، جنهن 10 ڏينهن کان پتو نه پيو، مدد ڪئي وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) نوشهروفيروز ۾ ڳوٺ گهيڙ گجو واسي اکين جي نور کان محروم سومرا برادري جي ماڻهن محمد قاسم ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

مراد علي شاهه وڏي وزير طور عوامي جي خدمت ڪري اعتماد حاصل ڪيو: مخدوم سعيد الزمان

وڌيڪ سيٽون حاصل ڪري پيپلزپارٽيءَ کي سنڌ جي پهرين نمبر جي پارٽي ثابت ڪيو آهي

سيد مراد علي شاهه 2002ع وارين چونڊن ۾ سنڌ اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو

ڄام شورو(پ ر) سروري تنظيم ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيدالزمان "عاطف" سيد مراد علي شاهه کي سنڌ جو ٽيون ڀيرو وزيراعليٰ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

مٺي ۾ جي ڊي اي پاران اليڪشن ۾ ڌانڌلي خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

احتجاجي ريلي جي اڳواڻي سلطان راڄڙ، قربان علي سميجو، مير محمد بليدي، شاهنواز هنگورجو ۽ ٻين ڪئي، ريلي ڪشمير چوڪ کان ٿيندي ٿرپريس ڪلب تي پهتي

فراڊ اليڪشن کي رد ڪيون ٿا، بوگس اليڪشن کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين، پ پ ۽ نون ليگ کي مسلط ڪري عوام کان بنيادي حق ڪسيو ويو آهي: اڳواڻ

اليڪشن ڪميشن سميت ٻين ادارن ۾ موجود ڪارين رڍن سان گڏجي پوري اليڪشن مينيج ۽ هائيجيڪ ڪري پولنگن تي ڌانڌليون ڪيون عوام جي مينڊيٽ تي ڌاڙو هنيو ويو

مٺي ٿرپارڪر(رپورٽر) پير صاحب پاڳاري جي حڪم تي GDA ٿرپارڪر پاران اليڪشن ۾ ڌانڌلين خلاف مٺي ۾ ڪشمير چوڪ کان ٿر پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ جي ڊي اي .جي يو آءِ- جماعت اسلامي ۽ قومي عوامي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01



مٺي: جي ڊي اي پاران اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

بلڙي شاهه ڪريم جي پرائمري اسڪول جا ڇاپڙا ڪري پيا، شاگرد محفوظ رهيا

ڇاپڙ ڪرڻ سان ٻارن ۾ خوف هراس پکڙجي ويو، ڇاپڙ ڪرڻ روز جو معمول بڻجي ويو، سوين شاگردن جو ساهه مٺ ۾ آهي

پرائمري اسڪول سيڪشن تمام زبون ٿي ويو آهي، ڪنهن به وقت ڪري سگهي ٿو، اسڪول جي ڇت مان ڇاپڙ روز ڪرن ٿا: ڳوٺاڻا

واقعي اسڪول جي حالت تمام خراب آهي، اسڪول زبون ٿي چڪو آهي اسڪول جي ڇت تمام ڪمزور ٿي چڪي آهي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ :ايم علي بروهي) ٽنڊو محمد خان بلڙي شاهه ڪريم تعلقي جي قديمي ڳوٺ جهنگ ڪاٽيار گورنمنٽ ڪيمپس هاءِ جهنگ ڪاٽيار جي پرائمري سيڪشن ۾ اڄ پڙهائي دوران ڇاپڙ ڪري پيا معجزي طور معصوم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

کي اين شاهه ۾ گهر سروي جا پئسا نه ملڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

نجي تنظيم ۽ ان جي ٽيم مسلسل اسان کي آفيس مان ڌڪا ڏئي ٻاهر ڪڍي آفيس کي تالا هڻي اندر ويهي رهن ٿا: ڳوٺاڻا

اسان غريب ٻوڏ سٽيل آهيون اسان سان انصاف ڪيو وڃي، گهر سروي وارا انجنيئر وڏا يا وڃن جيئن مسئلو حل ٿي سگهي

رشوت خور انجنيئر آهن انهن کي ڪيڏي ڇڏينداسين متاثرن کان ڪو به رشوت گهري ان کي فارغ ڪيو ويندو: تنظيم جو انچارج

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه گهر سروي جا پئسا نه ملڻ خلاف مختلف ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو، انڊس هاءِ وي بلاڪ، ٽريفڪ جام، تفصيل موجب، خيرپور ناٿن شاهه ۾ گهر سروي جا پئسا نه ملڻ خلاف حافظ امين جمالي ۽ مختلف ڳوٺاڻن پاران جمالي موڙ وٽ انڊس هاءِ وي وٽ احتجاجي مظاهرو ڪري روڊ بند ڪري ڇڏيو، لاڙڪاڻي کان ڪراچي ويندڙ رستو بند ٿي ويو جنهن سبب گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون. مظاهرين ڳالهائيندي چيو ته ٽرڊيپ انچارج زبير جت ۽ ان جي ٽيم مسلسل اسان کي آفيس مان ڌڪا ڏئي ٻاهر ڪڍي آفيس کي تالا هڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03



سکر ۾ پوليس جون سماجي برائين خلاف ڪارروايون 7 جوابدار گرفتار

ملوث جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪندي مختلف ڪارروائين دوران 7 جوابدارن کي گرفتار ڪيس داخل ڪيا ويا آهن: پوليس

سائيٽ ايريا ٿاڻي جي پوليس حد ۾ ڪامياب ڪارروائين دوران 4 منشيات فروش اسد علي، عبدالغفار، شاڪر ۽ اصغر شامل آهن

ائرپورٽ ٿاڻي جي پوليس ڳجهي اطلاع تي حد جي ٿاڻي ۾ ڪامياب ڪارروايون ڪندي مفرور جوابدار گلشير جمالي کي گرفتار ڪري ورتو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس جون سماجي برائين خلاف ڪارروايون، 7 کان وڌيڪ جوابدار گرفتار، ڪيس داخل، سکر پوليس جي ترجمان محمد بخش بلوچ پاران جاري ڪيل بيان موجب ايس ايس پي سکر زبير نذير احمد شيخ جي هدايت تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

مورو ۾ اليڪشن ۾ ڌانڌلي ۽ ڪراچي ۾ ڪيل پوليس تشدد خلاف جي ڊي اي جو احتجاج

عام چونڊن ۾ سنڌ جي مينڊيٽ تي پ پ ۽ وڏي سرڪار ملي ڪري ڌاڙو هڻي عوام کان ووٽ جو حق به کسي ورتو آهي: اڳواڻ

پوليس کي جي ڊي اي جي ڪارڪنن ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي ڀينرن تي تشدد ڪري مٿن لاٺي چارج ڪئي سخت لفظن ۾ مزمت ڪريون ٿا

چورايل مينڊيٽ واپس ڪيو وڃي جيستائين عوام جو چورايل مينڊيٽ واپس نه ڪيو ويندو تيستائين اسان جي تحريڪ جاري رهندي

نوشهرو فيروز : (رپورٽ: منظور ملڪ) اليڪشن دوران ڌانڌلي ڪري عوام جو مينڊيٽ چورائڻ واري عمل خلاف ڪراچي ۾ ڪيل پر امن احتجاج دوران پوليس گردي ۽ پاران سنڌياڻي تحريڪ جي عورتن ۽ ڪارڪنن مٿان تشدد لاٺي چارج ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٺٽي ۾ جي ڊي اي جي سڏ تي اليڪشن مبينا ڌانڌلين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڌانڌلين خلاف جي ڊي اي، پي ٽي آئي، جماعت اسلامي ۽ جي يو آئي جي ڪارڪنن پريس ڪلب ٺٽو تائين گڏيل احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

8فيبروري تي ملڪ سميت سنڌ ٿيندڙ عام چونڊن ۾ ڌانڌلي جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي اليڪشن ۾ وڏي پيماني تي ڌانڌلي ڪئي وئي: اڳواڻ

اسان اليڪشن جي نتيجن کي تسليم نٿا ڪريون ۽ ڌانڌلي جي صاف ۽ شفاف جاچ ڪرائي اقتدار حقيقي چونڊيل نمائندن حوالي ڪيو وڃي

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ملڪ سميت سنڌ ۾ ٿيندڙ تازين عام چونڊن ۾ وڏي پيماني تي ٿيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06



ٺٽو: چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف جي ڊي اي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر ۾ علي اصغر منگريو جي بازيابي لاءِ احتجاج جاري

سکر(بيورو رپورٽ) سکر پريس ڪلب اڳيان معصوم علي اصغر منگريو اغوا ٿيل جي بازيابي لاءِ 147 ڏينهن لڳاتار رات ڏينهن احتجاج جاري آهي .علي اصغر منگريو جنهن

دادو ۾ جي ڊي اي پاران چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪارڪن هٿن ۾ پارٽي جا جهنڊا کڻي ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي عام چونڊن ۾ ٿيل سليڪشن خلاف سخت احتجاج ڪيو

سنڌ سميت پوري ملڪ ۾ اليڪشن نه پر سليڪشن ٿي آهي، چونڊن کي 12 ڪرب روپين عيوض وڪرو ڪيو ويو آهي: اڳواڻ

دادو ضلعي اندر بدترين ڌانڌلي ڪري جي ڊي اي جي اميدوارن کي هارائي نتيجا تبديل ڪيا ويا آهن

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ جي ڊي اي پاران چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلين ۽ ڪراچي ۾ ڪارڪنن تي تشدد خلاف ڪارو ڏينهن ملهايو ويو دادو پريس ڪلب آڏو جي ڊي اي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جهنڊا کڻي ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي ڪارو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهرو فيروز ۾ اليڪشن ۾ ڌانڌلين خلاف جي ڊي اي جو احتجاجي مظاهرو

عوام جي ووٽ تي ڌاڙو هڻي نتيجا تبديل ڪيا ويا آهن پوري سنڌ ۽ ملڪ ۾ اجا نتيجا تبديل پيا ٿين: اڳواڻ

هڪ جو مئنڊيٽ ٻي پارٽي ۽ ٻي پارٽي جو ٽئين پارٽي کي ڏيئي اليڪشن کي مشڪري بڻايو ويو

ڪراچي جي پرامن احتجاج ۾ عورتن تي تشدد ۽ راشد محمود سومري کي زخمي ڪري جمهوريت جو آواز بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

نوشهرو فيروز : (رپورٽ: منظور ملڪ) اليڪشن ڌانڌلين خلاف جي يو آءِ، جي ڊي اي، پي ٽي آءِ، پاران پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08



نوشهرو فيروز: جي ڊي اي پاران چونڊن ۾ ڌانڌلين خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

غوثپور ۾ برسات جو وسڪارو، ٿڌ ۾ اضافو

غوثپور (رپورٽ: عبدالنبي ملڪ) غوثپور، ٻين شهرن جيان غوثپور ۾ به برسات گڏريل ڏينهن کان جاري آهي غوثپور ۽ پرپاسي واري علائقن ۾ برسات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سکر جي بچل شاهه مياڻي واري علائقي ۾ سماجي برايون پکڙجي ويون

ايس ايڇ او صحافين کي حراسمينٽ ڪرڻ لڳو، صحافين کي ڪوڙن ڪيسن ۽ منشيات فروشن کان دهمڪيون پڻ ڏيارڻ لڳو

هر گهٽي ۾ منشيات چرس آئس توڙي آڪڙا پرچي جا چوڪن چوراهن تي سري عام وڪرو ٿيڻ لڳي

تڪڙو نوٽس وٺي سماجي برائن ڦهلائيندڙ ۽ ايس ايڇ او خلاف ڪارروائي ڪري ايماندار ايس ايڇ او مقرر ڪيو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) نيو سکر بچل شاهه مياڻي جي ايئرپورٽ پوليس اسٽيشن جي ايس ايڇ او جا نت ٿي ويا بچل شاهه مياڻي گل لبائو ٽائون شپ ۾ سري سماجي برايون ڦهلجي ويون نوجوان نسل سان گڏ ننڍا ٻار پڙهيا توڙي هر عام ماڻهو سماجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 28 فيبروري 2024ع

هاڻي سنڌ ۾ گورننس جو 'پروفائل' تبديل ٿيڻ گهرجي!

سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن جي حلف کڻڻ کانپوءِ ڪالهه سنڌ جي وڏي وزير جي چونڊ جو عمل پڻ تڪميل تي پهتو ۽ سيد مراد علي شاهه کي وڏي وزير جي منصب لاءِ اعتماد جو اظهار ڪندي چونڊيو ويو. اهڙي نموني سان مراد علي شاهه ان اهم انتظامي عهدي تي چونڊجڻ واري 'هيٽ ٽرڪ' پوري ڪري ورتي آهي. توڙي جو سنڌ ۾ پيپلزپارٽي لڳاتار 15 سالن تائين اقتدار ۾ رهي آهي پر ان عرصي دوران سنڌ ڪيتري ترقي ڪئي، عوام کي ڪيتري خوشحالي پلئه پئي، گورننس جو پروفائل ۽ معيار ڪهڙو رهيو، اها سموري ڳالهه اظهر من الشمس آهي. پر ان جي باوجود به جڏهن پيپلزپارٽي کي عوام خدمت جو مينڊيٽ ڏنو آهي ته ان موقعي مان فائدو وٺي پيپلزپارٽي کي به گورننس جي پروفائل جي تبديليءَ لاءِ پنهنجون بهتر صلاحيتون استعمال ڪرڻيون پونديون.

گورننس، ادارن جي مجموعي ڪارڪردگيءَ جو نالو آهي ۽ گذريل ڏيڍ ڏهاڪي ۾ ادارن جي ڪارڪردگي ڪهڙي رهي آهي ۽ ان سان گورننس جو پروفائل ڪهڙو جڙيو آهي، اها ڳالهه پڌري پٽ پئي آهي. پيپلزپارٽيءَ کي عوام طرفان مليل ان موقعي کي بهتر انداز ۾ استعمال ڪري عوام جي اميدن تي پورو لهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، چو ته حڪمراني دلپشوريءَ جو نالو نه آهي پر حڪمراني عوام جي خدمت کي چيو وڃي ٿو. جمهوريت جي نالي ۾ بادشاهي ناهي هلندي. اسان گورننس جي پروفائل جي تبديليءَ تي زور ان ڪري پيا ڏيون ته هن ڀيري پنجاب ۾ وڏ وزارت جي منصب تي ملڪي تاريخ جي پهرين عورت وزيرِ اعليٰ مريم نواز چونڊجي آئي آهي ۽ يقينن پنجاب ۾ پنهنجي ووٽ بينڪ کي بچائڻ ۽ بهتر ڪارڪردگي ڏيکارڻ لاءِ هن جيڪي واعدا ڪيا آهن، انهن جي حوالي سان نظر ايئن ٿو اچي ته انهن تي عمل لاءِ سنجيدگيءَ جو مظاهرو ٿيندو ۽ وڏي ڳالهه اها ته مرڪز ۾ به مسلم ليگ (ن) جي حڪومت هجڻ جي ڪري مريم نواز کي اتان به ڀرپور تعاون ملندو ۽ ان جو ڪم سهل ٿيندو. پيپلزپارٽيءَ کي به پنجاب ۾ گورننس واري پروفائل کان بهتر پروفائل نه به سهي، ته به ان جهڙو پروفائل ضرور جوڙڻو پوندو، چو ته هينئر گورننس جي حوالي سان سڌيءَ ريت مقابلو آهي. پيپلزپارٽيءَ کي مرڪز ۾ وزارت عظميٰ وارو منصب ته ملي نه سگهيو، ان ڪري سنڌ ۾ پنهنجي پاور بيس کي بچائڻو آهي ۽ اهو صرف ۽ صرف تڏهن ممڪن ٿي سگهندو، جڏهن عوام جي بهتر خدمت ڪئي ويندي ۽ سنڌ ۾ ترقيءَ جا بهتر مثال قائم ڪيا ويندا. گذريل ڏيڍ ڏهاڪي واري حڪمرانيءَ دوران سنڌ برساتن ۽ دريائي ٻوڏ کي ڀوڳيو ۽ وڏي تباهي ڏٺي. توڙي جو قدرتي آفتون دنيا جي ٻين ملڪن ۾ به اينديون آهن پر اتي جي انتظاميا ۽ حڪومتون بهتر انتظامن سان عوام لاءِ انهن آفتن جي اهنجن ۽ هاڃيڪار اثرن کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن پر جي جان جي امان ملي ته اها چوڻ جي جسارت ڪريون ته 2010ع کان وٺي 2022ع تائين آيل ٻوڏن دوران سنڌ ۾ وڏي تباهي آئي پر بحاليءَ وارن قدمن ڏانهن ڏسجي ته هر ٻوڏ ۾ تباهيءَ جو تسلسل اتان ئي شروع ٿيو ٿي، جتي گذريل ٻوڏ ڇڏيو ٿي. ڪيترن ئي هنڌن تي 2010ع واري ٻوڏ دوران آيل تباهيءَ جو پڻ تدارڪ نه ٿي سگهيو آهي.

هن ڀيري پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جيئن ته پنهنجي چونڊ مهم دوران عوام سان بهتر گورننس جا واعدا ڪيا آهن، تنهنڪري انهن واعدن تي به عمل ٿيڻ گهرجي. ان ڪانسواءِ روڊ رستا، انفراسٽرڪچر تي پڻ ڌيان ڏيڻو پوندو، تعليم ۽ صحت کي اوليت تي رکڻو پوندو. سنڌ بدر ڪيل ميرٽ کي موٽائي آڻڻو پوندو، پيپلزپارٽي قيادت کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته عوام سان جيڪڏهن ڪيل واعدا پورا نه ٿيا ته عوام جي مزاج جي موسم به بدلجندي دير ناهي ڪندي. عوام جڏهن خدمت جو مينڊيٽ پيپلزپارٽي جي حوالي ڪيو آهي ته ان کي پڻ ان مينڊيٽ جو ڀرم رکڻو پوندو ۽ حڪمرانيءَ جو ان نئين مدي ۾ اهڙو مثال قائم ڪرڻو پوندو جو عوام بي ساخته اهو چئي ته، "فرق صاف ظاهر آهي."

چا پ پ سينيٽ چيئرمين واري عهدي جي قرباني ڏيندي؟

تنزيلا فهد اعوان

اٺين فيبروري وارين چونڊن کانپوءِ ملڪ ۾ حڪومت سازي جو عمل شروع آهي. صوبن ۾، خاص طور تي سنڌ ۽ پنجاب ۾ وڏن وزيرن جي چونڊ ٿي چڪي آهي. بلوچستان اسيمبلي جي ميمبرن کان قسم کڻائڻ جي حوالي سان پڻ اڳڀرائي ٿي چڪي آهي، جڏهن ته، هِي سِٽون لکجڻ تائين، خيبر پختونخوا اسيمبلي جي ميمبرن جي حوالي سان اجان تائين ڪا تاريخ سامهون نه آئي آهي. خيبر پختونخوا جو گورنر پنجن ڏينهن جي موڪل تي معاملي کي وچ ۾ ٽنگي روانو ٿي ويو آهي ۽ ان وچ واري عرصي ۾ مولانا فضل الرحمان جوڙ ٽوڙ جي ڪوشش ۾ جنبي ويو آهي ۽ هو چاهي ٿو ته هو اسٽيبلشمينٽ کان پنهنجي لاءِ وڌيڪ رعايتون حاصل ڪري ۽ انهن ڪوشش لاءِ هو اسٽيبلشمينٽ کي ڏورا ڏيکارڻ لڳو آهي. سنڌ ۾ پيپلز پارٽي جو وزير اعليٰ چونڊجي چڪو آهي ۽ پيپلز پارٽي سنڌ ۾ بي ڪنهن تنظيم جي شموليت ڪانسواءِ ئي اڪيلي سر حڪومت ٺاهڻ جي پوزيشن ۾ اچي وئي آهي. پيپلز پارٽي تي اسٽيبلشمينٽ جي ان نوازش ڪانپوءِ اسٽيبلشمينٽ به پ پ کان هڪ قرباني جي فرمائش ڪري ورتي آهي ۽ اها قرباني آهي سينيٽ چيئرمين جي آئيني عهدي جي، جنهن جي لاءِ پيپلز پارٽي وٽ يوسف رضا گيلاني اهم اميدوار هو خبرون اهي آهن ته پيپلز پارٽي اسٽيبلشمينٽ جي اها فرمائش قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وئي آهي ۽ ان جي بدلي ۾ هن پنهنجي جوابي فرمائشي لسٽ (وش لسٽ) به اسٽيبلشمينٽ جي حوالي ڪري ڇڏي آهي، جنهن تي اجان اڳڀرائي ٿيڻي آهي. ڪي تجزيا نگار ان خيال جا آهن ته سينيٽ چيئرمين واري آئيني عهدي جي قربانيءَ جي بدلي ۾ آصف علي زرداري اسٽيبلشمينٽ کان سنڌ ۾ پنهنجي حڪومت جي حوالي سان کلي ڪيڏڻ جي لاءِ پذيرائي حاصل ڪرڻ چاهيندو ۽ ٻيو هو ته آصف زرداري جي خواهش اها آهي ته بلاول ڀٽو زرداري طرفان قومي اسيمبلي جي خالي ڪيل سيٽ تي آصف زرداري کي چونڊرائجي ۽ اها آصفه جي قومي اسيمبليءَ ۾ پهرين انٽري هوندي. آصف زرداري اها پڻ اسٽيبلشمينٽ کان خاطري وٺڻ چاهي ٿو.

تجزيه نگارن جو خيال آهي ته، اسٽيبلشمينٽ چاهي ٿي ته سينيٽ چيئرمين جي آئيني عهدي تي سندن ئي ڪا پسنديده شخصيت اچي ۽ ان حوالي سان به نالا ورتا پيا وڃن، جن ۾ هڪ محسن نقوي جو نالو آهي، جيڪو پنجاب جو نگران وڏو وزير آهي ۽ ان جي ڪارڪردگيءَ کان اسٽيبلشمينٽ گهڻي مطمئن آهي. اسٽيبلشمينٽ جي مرضيءَ موجب هلڻ جي ڪري ڪيس پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي چيئرمين واري عهدي سان پڻ نوازيو ويو آهي ۽ اسٽيبلشمينٽ ان کي سينيٽ چيئرمين جي عهدي تي ڏسڻ چاهي ٿي. محسن نقوي پيپلز پارٽيءَ جي پڻ تمام ويجهو رهيو آهي ۽ ٻيو اسٽيبلشمينٽ جو وڌيڪ پسنديده شخص انوار الحق ڪاڪڙ آهي، جيڪو نگران وزيراعظم به آهي ۽ اسٽيبلشمينٽ چاهي ٿي ته سينيٽ چيئرمين جي منصب تي ان جي مقرري ڪئي وڃي. محسن نقوي جي ڀيٽ ۾ انوار الحق ڪاڪڙ اسٽيبلشمينٽ جي ترجيح آهي. ان حوالي سان پيپلز پارٽي سان، خبرن موجب، معاملا طئي ٿي چڪا آهن ۽ پيپلز پارٽي ان اهم عهدي جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وئي آهي. سينيٽ چيئرمين جي آئيني عهدي تي انوار الحق ڪاڪڙ جي چونڊ جو مطلب اهو آهي ته اهو آصف علي زرداريءَ جي صدر مملڪت چونڊجڻ کانپوءِ ان جو جانشين ٿيندو اهي پڻ خبرون آهن ته پيپلز پارٽي طرفان انوار الحق ڪاڪڙ کي بلوچستان مان سينيٽ جي ٽڪيٽ ڏني ويندي ۽ سينيٽ ميمبر چونڊرائڻ کانپوءِ ان کي سينيٽ چيئرمين جي عهدي لاءِ چونڊرايو ويندو ۽ اهو پيپلز پارٽي، باپ وغيره جو متفق اميدوار هوندو. صدر جي عهدي کانپوءِ سينيٽ چيئرمين جي آئيني عهدي جي گهڻي اهميت آهي، چو ته صدر جي بيمار ٿيڻ، صدارتي منصب تي فرض پورا نه ڪري سگهڻ يا ملڪ کان ٻاهر هجڻ جي صورت ۾ سينيٽ چيئرمين قائم مقام صدر جا فرض سرانجام ڏيندو آهي ۽ سمجهيو اهو پيو وڃي ته اسٽيبلشمينٽ جيڪي ڏکيا فيصلا ڪرائڻ چاهيندي، انهن جي لاءِ ڪجهه ڏينهن لاءِ صدر کي ٻاهر موڪلي يا ڪو ٻيو عذر پيدا ڪري ڪاڪڙ واري قائم مقام صدر واري عهدي جو فائدو وٺي اهي فيصلا آساني سان ڪرائي سگهي ٿي ۽ اهڙي نموني سان صدر مملڪت (آصف زرداري) به انهن فيصلن جي بار کان پاڻ کي آجو رکي سگهندو. جمهوري قوتن جي تنقيد کان به پاڻ کي بچائي ويندو ۽ اسٽيبلشمينٽ جو به ڪم سهل ٿي پوندو.

هن وقت سينيٽ جي چونڊ اجان ٿيڻي آهي. سينيٽ نامڪمل آهي، چو ته خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان جون اسيمبليون اجان وجود ۾ نه آيون آهن. اهي وجود ۾ تڏهن اينديون، جڏهن انهن جا ميمبر قسم کڻندا ۽ وڏن وزيرن جي چونڊ ٿيندي. بلوچستان ۾ وڏ وزارت پ پ کي ڏني وئي آهي ۽ پيپلز پارٽي ان عهدي تي سرفراز بگٽي کي ڏسڻ چاهي ٿي. سرفراز بگٽي انتهائي تڪراري شخص رهيو آهي ۽ خاص طور تي بلوچ قومپرستن جي حوالي سان ان جي رويي تي شديد تنقيد ٿيندي رهي آهي. پيپلز پارٽي جيڪڏهن سرفراز بگٽيءَ کي اهم عهدي تي آڻي ٿي ته ان کي بلوچ قومپرست قيادت جو سهڪار ملي نه سگهندو ۽ چڪتاڻ ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو اهو سمجهيو پئي ويو ته بلوچستان ۾ پيپلز پارٽي جي حڪومت ٺهڻ کانپوءِ بلوچستان ۾ سرچاءَ جي عمل جي شروعات ٿيندي. سرفراز بگٽي جي وڏي وزير ٿيڻ کانپوءِ ان جو ڪو امڪان نه رهندو. سرفراز بگٽي بلوچ قومپرستن خلاف انتهائي اعتراض جوڳي ٻولي استعمال ڪندو رهي ٿو پيو ته بلوچستان جون حالتون ڏينهون ڏينهن وڌيڪ خطرناڪ ٿينديون پيون وڃن. بلوچستان ۾ چئن پارٽين جي اتحاد طرفان احتجاج هلندڙ آهي ۽ هاڻي گوادر تحريڪ جي شامل ٿيڻ کانپوءِ ان ۾ وڌيڪ سگهه اچي وئي آهي. پيپلز پارٽي طرفان بلوچستان جي حڪومت وٺڻ انتهائي غلطي هوندي. لڳي ايئن ٿو ته اسٽيبلشمينٽ پيپلز پارٽي کي سامهون آڻي بلوچستان تي حڪومت سرفراز بگٽي جي پنهنجي ماڻهوءَ جي ذريعي ڪرڻ ٿي چاهي ۽ ڪاوڙ جو سڄو رخ ان سان پيپلز پارٽي طرف هوندو.

سينيٽ جي چونڊ 9 مارچ کان اڳ ۾ ٿيڻي آهي ته جيئن اليڪٽورل ڪاليج مڪمل ٿئي ۽ 9 مارچ تي صدر مملڪت جي چونڊ ٿي سگهي. پر موجوده صدر عارف علوي ان چونڊ ۾ رڪاوٽون وجهڻ شروع ڪري ڇڏيون آهن ۽ هو چاهي ٿو ته اها چونڊ 9 مارچ تي نه ٿي سگهي. عارف علوي گذريل آچر ڏهاڙي موڪل جي باوجود ايوان صدر ۾ اسٽاف گهرائي نگران وزيراعظم طرفان قومي اسيمبلي جو اجلاس 28 فيبروري تي گهرائڻ واري سمري تي اعتراض لڳائي واپس ڪري ڇڏي آهي، جنهن ڪانپوءِ قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف آئين جي آرٽيڪل 91، شق 2 تحت 29 فيبروريءَ تي قومي اسيمبليءَ جو اجلاس گهرائي ورتو آهي. جيئن ته قومي اسيمبلي مڪمل نه ٿيندي ته سينيٽ جي چونڊن نه ٿي سگهندي ۽ سينيٽ جي چونڊ نه ٿيندي ته صدر واري عهدي جي لاءِ اليڪٽورل ڪاليج مڪمل نه هئڻ جي ڪري صدر مملڪت جي چونڊ نه ٿي سگهندي.

صدر عارف علوي کي اعتراض اهو آهي ته جيئن ته قومي اسيمبلي مڪمل ناهي، سني اتحاد ڪائونسل کي مخصوص سيٽون الاٽ نه ڪيون ويون آهن، ان ڪري انهن سيٽن جي الاٽمينٽ ڪانپوءِ ئي قومي اسيمبلي مڪمل ٿيندي ۽ ان بعد ئي قومي اسيمبلي جو اجلاس گهرائبو. اصل ڳالهه اها آهي ته صدر عارف علوي حڪومت سازي جي آئيني عمل ۾ رڪاوٽ وجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن سني اتحاد ڪائونسل کي مخصوص سيٽون الاٽ به ٿي وڃن ته به ان سان نواز ليگ ۽ پيپلز پارٽي جي مرڪز ۾ اڪثريت تي ڪوبه فرق نه پوندو، چو ته حڪومت ٺاهڻ لاءِ انهن ٻنهي پارٽين کي 169 سيٽن جي ضرورت پوندي. جڏهن ته هن وقت انهن وٽ 176 سيٽون آهن. جيڪا سادي اڪثريت آهي، جنهن سان وزيراعظم جي چونڊ ۾ ڪا به رڪاوٽ نه پوندي. ان ڪانسواءِ ايم ڪيو ايم وٽ 22 سيٽون آهن. جنهن سان پڻ نواز ليگ جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن. ق ليگ جون پنج سيٽون آهن. اهڙي ريت انهن سيٽن جو تعداد 200 کان به وڌي وڃي ٿو جيئن ته گورننس آئيني عمل آهي ۽ صدر عارف علوي ان آئيني عمل ۾ رڪاوٽ وجهي سڄي مرحلي کي روڪڻ ٿو چاهي.

هي ٽيون ڀيرو آهي جو صدر آئيني عمل ۾ رڪاوٽ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. صدر علوي سمجهي ٿو ته، جيڪڏهن قومي اسيمبلي جو اجلاس نٿو گهرايو وڃي ته اها مڪمل نه ٿي سگهندي، ميمبر قسم کڻي نه سگهندا ۽ وزيراعظم جي چونڊ نه ٿي سگهندي. قومي اسيمبلي مڪمل نه ٿيندي ته مٿيون ايوان سينيٽ به مڪمل نه ٿي سگهندو، ان جي به چونڊ نه ٿي سگهندي. سينيٽ جي چونڊ نه ٿي سگهندي ته جيئن ته صدر جي چونڊ جو اهو ئي اليڪٽورل ڪاليج آهي، ان ڪري صدر مملڪت جي عهدي لاءِ به چونڊ نه ٿي سگهندي. انهن رڪاوٽن وجهڻ جي پٺيان ارادا اهي ٿا نظر اچن ته سني اتحاد ڪائونسل معاملو ڪٿي سپريم ڪورٽ ۾ ويندي ۽ اهڙي نموني سان ان سڄي عمل کي اينگهايو ويندو. صدر عارف علوي شايد اهو ٿو چاهي ته اهي رڪاوٽون وجهڻ سان نگران حڪومت کي اڻ ڄاتل مدي تائين حڪمرانيءَ جي ذميواري ملي ويندي. جيئن ته صدر عارف علوي کان سندس پارٽي جو قائد، باني پي ٽي آءِ سخت ناراض آهي ۽ اهو احساس عارف علوي کي پڻ آهي ۽ هو آخر ۾ ويندي ويندي پنهنجي پارٽيءَ جي بانيءَ جي جهوليءَ ۾ ڪجهه خوشيون وجهڻ چاهي ٿو ۽ اهو به ملڪ ۾ آئيني بحران پيدا ڪري. ظاهر آهي ته اهڙي صورتحال ۾ اسٽيبلشمينٽ مداخلت ڪندي ۽ پوءِ ان جا ڪهڙا نتيجا سامهون ايندا، اهو يقينن جمهوري عمل جي حق ۾ ڪنهن به ريت چڱو نه هوندو.

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دارُون کي دَردَنِ؛
تون ڏِئين، تون لاهِئين، ڏاتَرا کي ڏُکنڌَنِ؛
تڏهين ڦَڪِيُون ڦَرَقُ ڪن، جڏهين اَمرُ ڪريو اُن کي.

سنڌ ۾ لوڪ مزاح جو زوال!

غلام حسين لغاري

28 فيبروري سنڌ جي ناليواري لوڪ مسخري محمد فقير جي 39 هين ورسي وارو ڏهاڙو آهي. محمد فقير عرف سرونو سنڌ جي انهن مسخرن مان هڪ هو جنهن سنڌ ۾ تهذيب، شرافت ۽ اصلاحي لوڪ مسخري کي اڳتي وڌايو پاڻ ويهين صدي جي شروع واري ڏهاڪي ۾ دادو ضلع جي جوهي تعلقي واري هڪ واهڻ واريا سو ۾ چاڪر خان لغاري جي گهر ۾ جنم ورتو جيڪو انوقت جو هڪ ڀرپور آبادگار هو

سنڌ جي لوڪ مسخرن جو ذڪر ڪبو ته پليڏنو فقير، عبدو، پوپٽ، ٻريو، نٿو کهيري، قادو شيدي، استاد بيگو خان، ڪندو لاشاري، آچر ۽ ٻيا پنهنجي وقت جا ناليوارا مسخرا رهيا آهن. جيڪي ميلن ملاکڙن شادين ۾ پهچي ڪري پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري مرڪون ورهائيندا هئا ڪين آڪاڙو لڳائڻ جو منفرد فن هوندو هو جنهن لاءِ هو مٿي تي عجيب ۽ غريب قسم جون ڊگهيون ٽوپيون پائي دهلڙي وڄائي آڪاڙن ۾ ماڻهو گڏ ڪندا هيا. دادو بدين ۽ سانگهڙ ضلعا مسخرن جو گڙهه رهيا. جنهن به هوٽل تي مسخرا وڃي جاڻهن ويهندا هئا اتي ماڻهن جي رش لڳندي هئي. مسخرا جاڻهن ويهڻ وقت ڀوڳ ٽڪاءُ به ڪندا هئا محمد فقير کي اهو شرف حاصل رهيو جو ڪيس مسخرن جي بادشاهه جو لقب به مليس

لوڪ مسخرا ڳوٺن ۾ رهندڙ ماڻهن جي اٿڻي ويهڻي ۽ ڪم ڪار جي انداز کي مهذب ۽ اصلاحي طريقي سان انهن جي ڪل ڀوڳ وسيلي نمائندگي ۽ اظهار ڪندا هئا. جنهنڪري ئي وقت جي بادشاهن وزيرن ۽ وڏيرن جي محفلن ۽ عام ماڻهن جي شادين خوشي جي موقعن تي جتي راڳ رنگ ٿيندو هو اتي هنن لوڪ مسخرن کي ئي ترجيحي بنيادن تحت گهرايو ويندو هو. جن جي ڳوٺن شهرن واهڻن وسندين ۾ هاڪار رهندي هئي. سندن ڪل ڀوڳ وارا ڳفتا ورجايا ويندا هئا هن وقت به سندن ٽوٽڪن جو عام هنڌن تي ذڪر رهندو آهي

لوڪ مسخرو ٻري کان ئي سڃاتو ويندو هو وڏن جي محفلن مان اهي مسخرا وڏا انعام اڪرام وٺي ورندا هئا. محمد فقير مسخرو دادو واري کي وقت جي گورنر دين محمد شيخ انعام طور 12 ايڪڙ زرعي زمين ڏني هئي جڏهن ته وقت جي پرڏيهي وزير شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، وزير اطلاعات پير علي محمد راشدي سميت ڪيترن ئي وڏن وزيرن ۽ ڪامورن ڪيس انعامن اڪرامن ۽ سندن سان نوازيو جڏهن شهيد ذوالفقار ڀٽو وزيراعظم بڻيو ته پهريون پيرو سندس لاءِ ساليانو وظيفو به منظور ٿيو جيڪو سندس وفات بعد سنڌ جي ثقافت کاتي بند ڪري ڇڏيو هو. جڏهن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ پي ٽي وي ڪراچي جو بنياد پيو ته هي سنڌ جو پهريون لوڪ مسخرو هو جنهن کي مزاحيه پروگرامن ۽ فتح خان جي ڪچهري ۾ فن جو مظاهرو ڪرڻ جو موقعو فراهم ٿيس مهيني ۾ به ڀيرا ڪيس گهرايو ويندو هو

سنڌ ۾ اوائلي دور جا سمورا مسخرا هن وقت باقي ناهن رهيا جن جي جاءِ ڊجيٽل مسخرن والاري آهي جيڪي لوڪ مسخري کان لاتعلق آهن جنهن جو وڏو ڪارڻ اهو آهي ته سنڌ جي ثقافت کاتي لوڪ مسخرن ۽ لوڪ ڪل ڀوڳ کي اڳتي وڌائڻ بدران ڊجيٽل مسخرن جي حوصلہ افزائي پيو ڪري نه وري اهي اوطاقون ئي لوڪ مسخري جا ٻڌڻ وارا ئي رهيا آهن جڏهن ته اوائلي دور جي مسخرن جا ڪجهه شاگرد سنڌ جي مختلف شهرن ۽ واهڻن ۾ موجود آهن پر سندن اها حوصلہ افزائي نٿي ٿئي جيڪا ڊجيٽل مسخرن جي ٿي رهي آهي. اهوئي وڏو ڪارڻ آهي جو سنڌ مان لوڪ مسخري جو خاتمو ٿي چڪو آهي يا ختم ٿيڻ جي ويجهو پهچي چڪي آهي. ٻهراڙين جا ماڻهو لوڪ مسخرن کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ کان محروم بلڪ انهن جي هڪ جهلڪ ڏسڻ کان به سڪن پيا

سنڌ جي لوڪ ۽ ڊجيٽل مسخرن ۾ وڏو فرق آهي لوڪ مسخرا عوام سان پنهنجا ڏک سور ڪل ڀوڳ وسيلي اصلاحي انداز ۾ ڳوٺاڻي ماحول موجب پيش ڪن ٿا. جن ۾ بزرگن اوليائن جا بيت ڳجهارتون پهاڪا ۽ پنهنجي سطح ۽ دماغ سان ناهيل مزاحيه ٽوٽڪا بيان ڪندا آهن. ڪين هڪ ڏاڻ ڪلاڻ جو طور طريقو منفرد انداز ۾ هوندو آهي ته ڏسندڙن جو موڊ کهڙو آهي. هر ڀرو ڊجيٽلي انداز جي ڀوڳواري ناهن ڪندا سنڌ جي نئين ٽهي سنڌ جي لوڪ مسخرن کان واقف ناهي نه وري ڪين لوڪ مسخرن ۽ انهن جي ڀرڳن کان آگاهه ڪيو ويو آهي. جو سنڌ جي ثقافت کاتي اهڙن لوڪ مسخرن جي تاريخ تحرير ئي ناهي ڪئي نه وري ڪٿي محفوظ رکي آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ممتاز علي مرزا، حميد آخوند، نصير مرزا، تاج جويو، ناز سهتو ۽ ٻين سنڌ جي لوڪ مزاح ۽ اوائلي دور جي مسخرن جي ڪردار تي ڪافي ڪم ڪيو آهي پر افسوس سان اهو چئجي ناهي سگهبو هڪ سنڌي چئنل ته پريس ڪلب حيدرآباد ۾ مسخرن جي ڪانفرنس جو به اهتمام ڪيو هو ۽ لوڪ مسخري ۽ لوڪ مسخرن کي عام ڪيو ڪين

سنڌ ۾ هن وقت به شهرن ۽ واهڻن ۾ لوڪ مسخرا هوندا ۽ آهن به پر انهن جي مالڪي ناهي. جيڪڏهن سنڌ جو ثقافت کاتو لوڪ مسخرن کي ڳولهڻ ۽ لوڪ مسخري کي زنده رکڻ جي نيت رکي ٿو ته هر ڊويزن ۾ لوڪ مسخرن جا ڪل ڀوڳ جي حوالي سان شو ڪرائي جتي لوڪ مسخرا پهچي سگهندا جن مان بهترين لوڪ مسخرن جي چونڊ ڪري سگهبي، جن کي ثقافت کاتو پنهنجي پٺڀل تي رکي ڪري انهن کي ماهوار معاوضو ڏئي سندن حوصلہ افزائي ڪري ته جيئن سنڌ ۾ لوڪ مسخري وارو محفوظ رهي سگهي سنڌ جي علمي ثقافتي ۽ ادبي اڪابرن کان مدد وٺي لوڪ مسخرن جي تاريخ جوڙي وڃي، سنڌ جا نوجوان لوڪ مسخري تي پي ايڇ ڊي به ڪري پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا، سياري جي مچ ڪچهرين ۾ لوڪ مسخرن کي ويهاري انهن جي لوڪ ڀوڳن تي مچ تيز ڪري سگهجن ٿا. بهرحال سنڌ جي سدا حيات لوڪ مسخري محمد فقير جي 39 هين ورسي جي موقعي تي ڪيس خراج عقيدت پيش ڪجي ٿو ۽ دعاگو آهيون ته خداوند ڪريم ڪيس جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي.

بقايا 01

سيڪريٽريٽ به نگران وزيراعظم کي سمري موڪلي آهي. جيڪا پارلياماني معاملن واري وزارت کي ڏني وئي آهي پر اها سمري واپس سيڪريٽريٽ کي وصول ٿي وئي. نگران وزيراعظم قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ کي آئيني ڊيڊ لائن گذرڻ تي اجلاس گهرائڻ جو اختيار ڏئي ڇڏيو آهي. جنهن تي قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ آئيني ڊيڊ لائن پوري ٿيڻ تي اجلاس گهرائڻ جو اصولي فيصلو ڪيو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته قومي اسيمبلي اجلاس جو نوٽيفڪيشن اربع يا خميس جي وچين رات جاري ٿيڻ جو امڪان آهي. ٻئي پاسي ذريعن موجب نگران حڪومت سمري تي صدر ڊاڪٽر عارف علوي جي اعتراضن جو جواب ڏئي ڇڏيو، حڪومتي ذريعن موجب آئين جي آرٽيڪل 91 ۾ ڪٿي به اهو لکيل ناهي ته ايوان نامڪمل هجي ته اجلاس نه ٿو گهرائي سگهجي. ذريعن موجب صدر کي آرٽيڪل 91 تحت اجلاس روڪڻ جو اختيار ۽ استحقاق حاصل نه آهي. صدر رڳو آرٽيڪل 54 تحت عام اجلاس ملتوي ڪري سگهي ٿو. نگران حڪومتي ذريعن موجب هي عام نه پر غير معمولي اجلاس آهي. اهو آئيني گهرج آهي. اهو ڪٿي به ناهي لکيل ته مخصوص سيٽون نه هجڻ ته اجلاس نه ٿو ٿي سگهي. ذريعن موجب نگران وفاقي حڪومت صدر کي فيصلي تي نظرثاني جي درخواست ڪندي چيو ته صدر آئين موجب قومي اسيمبلي جو اجلاس گهرائي. نگران حڪومت جو چوڻ آهي ته آئين جي آرٽيڪل 91 جي شق 2 تحت چونڊن جي 21 تاريخ تي اجلاس سڏائڻ ضروري آهي. ان باوجود صدر 29 فيبروري تي اجلاس نه گهرايو ته به اجلاس ساڳئي ڏينهن ٿيندو. ٻئي پاسي پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ اسحاق ڊار چيو آهي ته ملڪ جو صدر هڪ ڀيرو ٻيهر آئين جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. 21 ڏينهن کانپوءِ اجلاس گهرائڻ جو اختيار صدر وٽ ناهي رهيو. آرٽيڪل 91 ۾ واضح آهي ته اجلاس چونڊن کان پوءِ 21 ڏينهن اندر ٿيڻو آهي. اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ن ليگ سينيٽر چيو ته هن وقت قومي اسيمبلي جي اجلاس بابت مختلف رايا آهن. هن چيو ته صدر جيڪڏهن هڪ ڀيرو ٻيهر آئين جي ڀڃڪڙي ڪرڻ چاهي ته اجلاس نه گهرائي. آئين جو آرٽيڪل واضح آهي ته اسيمبلي جو اجلاس 21 ڏينهن اندر گهرايو وڃي. اسحاق ڊار چيو ته صدر 26، 27 يا 28 تي اجلاس گهرائي سگهي ٿو. اعتراض اٿاري سمري واپس ڪئي. ميمبرن جو نوٽيفڪيشن جاري ٿيڻ تي ايوان مڪمل ٿيندو آهي.

بقايا 02

۽ ٽائم ورڪ ريڊ لائن آهن. مريم نواز جي صدارت هيٺ دربار هال سيڪريٽريٽ ۾ اجلاس ٿيو، جنهن ۾ صوبائي کاتن جي ڪارڪردگي بابت بريفنگ ڏني وئي. اجلاس ۾ خيالن جو اظهار ڪندي مريم نواز چيو ته ڏينگي ۽ پوليو کان بچاءَ تي ڌيان ڏنو وڃي. عوام کي معياري علاج جي سهولت ملڻ گهرجي. صحت ۽ ٻين شعبن ۾ عوامي فائدن جا منصوبا جاري رکيا وڃن. هن چيو ته خدمت جو جذبو رکندڙ ايماندار آفيسرن کي سلام پيش ڪيان ٿي. ميرٽ جي ڀڃڪڙي نه ڪنديس نه ٿيڻ ڏينديس. ڪا سياسي پرچي نه ٿيندي. سندس چوڻ هو ته عوام جا مسئلا فوري طور حل ڪيا وڃن. اسٽرڪچرل ريفارمز ڪرڻا پوندا. اسان مسئلن جي پاڙن تائين پهچي انهن جو خاتمو ڪنداسين. آفيسر ۽ ملازم منهنجي ٽيم آهن. ڪم ڪندڙ کي سپورٽ ڪيو ويندو.

بقايا 03

هٿياربند فوج جي پيشيوارانه مهارت ۽ عزم کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته پاڪستان پنهنجي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ جي لاءِ پرعزم آهي. اسان ڪنهن به جارحيت جو ڀرپور جواب ڏينداسين.

وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب "آپريشن سوئفٽ ريٽورٽ" جا پنج سال مڪمل ٿيڻ تي نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ پنهنجي پيغام ۾ چيو ته اڄ "آپريشن سوئفٽ ريٽورٽ" کي پنج سال مڪمل ٿي ويا آهن، اسان پاڪستان جي هٿياربند فوج جي پيشيوارانه مهارت ۽ عزم کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا جنهن اڄ جي ڏينهن ڀارت جي دعوائن کي ڪوڙو ۽ غلط ثابت ڪندي پنهنجي آپريشنل برتري جو عملي مظاهرو ڪيو. هن چيو ته ڪنهن کي ڪو شڪ نه هجڻ گهرجي ته پاڪستان هڪ امن پسند ملڪ آهي جيڪو پنهنجي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ جي لاءِ پرعزم آهي. اسان ڪنهن به جارحيت جو ڀرپور جواب ڏينداسين.

بقايا 04

هو ته ذوالفقار علي ڀٽو جو ٽرائل نه عدالتي قتل ٿيو. هو سپريم ڪورٽ. آئين، قانون ۽ حقيقتن جي ڳالهه ڪري ٿي. هن ڪيس جي پارٽين کي اڃا تائين پنهنجي خيالن جي اظهار جو موقعو ناهي مليو. هن چيو ته وڪيل ثابت ڪرڻ وارا آهن ته شهيد ڀٽو جو ٽرائل نه جڊيشل قتل ٿيو هو. تاريخ درست ڪرڻ لاءِ پهرين قدم ڀٽو ريفرنس جو فيصلو هوندو. پ پ جي چيئرمين چيو ته صدر چونڊجي آصف علي زرداري چار ئي گورنر پاڻ نائيل ڪندو، چاهيون ٿا پاڪستان جا سڀ ادارا آئيني حدن ۾ رهندي ڪم ڪن. هن چيو ته سياستدانن کي هڪ ٻئي جي عزت ۽ احترام ڪرڻ گهرجي. سياستدانن کي فيصلو ڪرڻو پوندو ته هڪ ٻئي جي عزت ڪن. هڪ ٻئي جي عزت نه ڪندا ته اميد نه رکو ته ٻيو ادارو اوهان جي عزت ڪري. سندس چوڻ هو ته پيپلزپارٽي پنهنجو سوچي ها ته خبر ناهي ڇا ڇا ڪري ڇڏي ها. مرڪز ۾ حڪومت ٺاهڻ بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ بلاول چيو ته مان حڪومت ٺاهڻ جي پوزيشن ۾ نه آهيان. منهنجا نمبر اهڙا ناهن. مان چئي سگهان پيو ته اسيمبلي عمل کان لاتعلقي ڪريان ٿو. مون چيو هو ته وزيراعظم بڻيس ته سياسي قيدين کي آزاد ڪنداسين. افسوس پاڪستان جي عوام مون کي اهو مينڊيٽ نه ڏنو. هن چيو ته سني اتحاد منهنجو ووٽ گهريو ٿي ته ڪنهن ٻئي جي حڪومت ٺهڻ جو اعتراض ڇو؟ سني اتحاد جا ٿورائتا آهيون جن مريم نواز ۽ مراد علي شاهه جي مخالفت نه ڪئي. قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ دير واري معاملي تي ڳالهائيندي پ پ جي چيئرمين چيو ته عارف علوي آئين ٽوڙيندي پنهنجو فرض ناهي نڀائي رهيو. صدر آئيني ذميواري پوري نٿو ڪري ته اسپيڪر پوري ڪري ڇڏي. هن چيو ته آئين ۾ لکيل آهي ته هر حال ۾ 29 فيبروري تي اسيمبلي اجلاس گهرائڻو آهي. چونڊ عمل ذريعي عارف علوي جي جاءِ تي ٻيو صدر آڻينداسين. سندس وڌيڪ چوڻ هو ته صدر عارف علوي تي آئين ٽوڙڻ جا ٻه ڪيس ٿيندا. عارف علوي تي هڪ ڪيس بي اعتمادي جي وقت اسيمبلي ٽوڙڻ جو ٿيندو. عارف علوي تي ٻيو ڪيس آئين موجب قومي اسيمبلي اجلاس نه گهرائڻ تي ٿيندو.

بقايا 05

علائقي زرزمين ۾ دهشتگردن طرفان پوليس تي حملو ڪيو ويو جنهن ۾ گولي لڳڻ سبب ايس ايڇ او اعجاز خان شهيد ٿي ويو جڏهن ته ڊي ايس پي سميت 3 اهلڪار سخت زخمي ٿي پيا آهن. گذريل رات دير سان سادي 3 وڳي واقعي جي اطلاع ملندي ئي ريسڪيو 1122 جي ٽيم ايمبولينس ۽ ميڊيڪل عملي سان گڏ واقعي واري هنڌ پهتي جتي امدادي ٽيم زخمين کي شروعاتي طور تي طبي امداد ڏيندي ئي ڊي ايڇ ڪيو ايڇ ۾ منتقل ڪري ڇڏيو. فائرنگ جي واقعي ۾ زخمي ٿيندڙ اهلڪارن ۾ ڊي ايس پي نسيم خان، منصور ۽ سليم شامل آهن. اڄ صبح جو ايس ايڇ او اعجاز خان جي جنازي نماز مردان ۾ ادا ڪئي وئي. ڊي آءِ جي مردان ريحن سليمان خان، ڪمشنر مردان شوڪت خان يوسفزئي ۽ ڊپٽي ڪمشنر فياض شير پاوءُ سلامي پيش ڪئي. ايس ايس پي اعجاز خان شهيد جي لاش سندس اباڻي علائقي شير پائو منتقل ڪئي وئي آهي. پوليس موجب واقعي کان پوءِ فورسز طرفان انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو ويو جنهن ۾ هاءِ ويليو ٽارگيٽ ڪلر محسن قادر ساٿي سميت مارجي ويو آهي جڏهن ته علائقي ۾ سيڪيورٽي فورسز جو سرچ آپريشن جاري آهي.

بقايا 06

وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي حلف برداري تقريب ۾ چيئرمين پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري خصوصي طور شرڪت ڪئي. وڏي وزير جي حلف برداري تقريب جي ميزباني چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم ڪئي. تقريب جي شروعات ۾ چيف سيڪريٽري اعلان ڪيو ته صوبائي اسيمبلي جي ميمبر سيد مراد علي شاهه کي 26 فيبروري تي سنڌ جو وڏو وزير چونڊيو ويو آهي. سنڌ جي نئين چونڊيل 38هين وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کان گورنر سنڌ حلف ورتو ان موقعي تي نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر پڻ اسٽيج تي موجود هو. حلف برداري واري تقريب ۾ پ پ اڳواڻ فريال ٽالپر، اڳوڻو وڏو وزير سيد قائم علي شاهه، اڳوڻو اسپيڪر آغا سراج دراني، اسپيڪر سنڌ اسيمبلي اويس قادر شاهه، ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد، اڳوڻا وزير ۽ پيپلز پارٽي جا ايم پي ايز ناصر شاهه، شرجيل ميمڻ، امتياز شيخ، سعيد غني، سردار شاهه، جام خان شورو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. تقريب ۾ مختلف ملڪن جي سفارتڪارن، آءِ جي پوليس، پاڪستان نيوي ۽ ايئر فورس جي سينيئر آفيسرن، اڳوڻي چيف سيڪريٽرين ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ نئين چونڊيل وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي عهديدارن ۽ حلقن خاص طور تي شرڪت ڪئي. وڏي وزير پنهنجي حلقي واسين سان مليو ۽ ساڻن سيلفيون پڻ ورتيون.

بقايا 07

مولانا فضل الرحمان چيو ته 2018ع ۾ به اهي چوندا هئا ڌانڌلي ٿي، اڄ به چئي رهيا آهن ڌانڌلي ٿي، ايندڙ ڏينهن ۾ ٻڌائينداسين ته سسٽم اندر رهڻ ٿيندا. سڄي زندگي چونڊون وڙهيون آهن، ڌاڙهي چونڊن ۾ اچي ٿي آهي. هن چيو ته چونڊ مهم ۾ عوام کي خبر پئجي ويندي آهي ته ڪير کٽي رهيو آهي ۽ ڪير هارائي رهيو آهي. جيڪڏهن پي ٽي آءِ کٽي آهي ته ان کي حڪومت ڏيو، جيڪڏهن انهن جي مداخلت آهي ته ايندڙ چونڊن جو به ڪو فائدو نه ٿيندو. اسان جو پارلياماني نظام جاري رهندو، سندس چوڻ اصولي فيصلو ڪيو آهي ته صدر جي چونڊ ۾ ووٽ نه وجهنداسين. جڏهن ته خيبر پختونخواهه اسيمبلي ۾ وڏي وزير ۽ اپوزيشن ليڊر جي چونڊ ۾ لاتعلق رهنداسين. مولانا فضل الرحمان چيو ته پي ٽي آءِ وفد آيو، اسان روايتن موجب انهن کي عزت ڏني. ڪو اسان جا خدشا ختم ڪرڻ ۾ سنجيده هجي ته سياست ۾ ڳالهيون ٿينديون آهن. پي ٽي آءِ باني جي گرفتاري وقت به چيو هو ته مقابلي جو مزو نٿو اچي. اسان پاڻ قيد ۾ رهي چڪا آهيون. سياسي ماڻهو جيل ويندا آهن. مان ڪنهن سياستدان جي قيد ۾ رهڻ تي خوش ناهيان ٿيندو. جي يو آءِ سربراهه چيو جيڪڏهن اهي سمجهن ٿا ڌانڌلي ناهي ٿي ته پوءِ 9 مئي جو بيانيو دفن ٿي ويو. اسٽيبلشمينٽ چاهي ٿي ته اسيمبليون به انهن موجب هجن ۽ ماڻهو به. 2018ع ۽ 2024ع جي ڌانڌلي هڪ جهڙي ٿي آهي. عوام جو نمائندو اسٽيبلشمينٽ جو نمائندو نه هجڻ گهرجي.

بقايا 08

اين اي 239 تان محمد ياسر ۽ اين اي 241 تان تحريڪ انصاف جي اميدوار خرم شير زمان جون درخواستون رد ڪيون ويون آهن.

بقايا 09

۾ فردِ جرم پڙهي ٻڌايو. جوابدارن چارج شيٽ ۾ لڳايل الزامن کان انڪار ڪري ڇڏيو. جج عمران خان کان سوال ڪيو ته اوهان تي فرد جرم چارج ڪيو پيو وڃي اوهان ٻڌايو ته ڏوهي آهيو يا نه؟ جنهن جي جواب ۾ عمران خان چيو ته مان چارج شيٽ پڙهي ڇا ڪندس. ڄاڻان ٿو ته ان ۾ ڇا لکيل آهي. ٻڌڻي دوران پي ٽي آءِ باني چيو ته هو ڪيس ۾ دير نٿا چاهن. اٺ فيبروري کان پهرين نيب کي تڪڙ هئي. تڪڙي سزا چاهن ٿا. جج پڇاڻو ڪيو ته خان صاحب! پهرين ٻڌايو ته اوهان جي ڏندن جو معائنو ٿيو يا نه؟ جنهن تي عمران خان چيو ته اڃا تائين ڏندن جو چيڪ اپ ناهي ٿيو. جيل انتظاميا چيو ته اڄ ڏهاڙي ڊاڪٽر ايندو. هاڻي چيو پيو وڃي ته ايندڙ آچر تي ڊاڪٽر ايندو. عدالت ڪيس جي ايندڙ ٻڌڻي ڇهه مارچ تائين ملتوي ڪندي ڪيس جي 58 شاهدن مان 5 کي بيان رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ طلب ڪري ورتو ان ڪانسواءِ عدالت عمران خان جي طبي معائني، ڏندن جي چيڪ اپ لاءِ جنرل فزيشن ۽ ڊينٽسٽ جي فراهمي جي درخواست منظور ڪري ورتي.

بقايا 10

فيبروري کان 18 مارچ تائين جاري رهنديون. جنهن ۾ ايس ايس يو جا هڪ هزار ڪمانڊوز سيڪيورٽي جا فرض انجام ڏيندا. سيڪيورٽي اختيارن موجب، ميچن دوران ٽريفڪ پوليس، ضلعي پوليس ۽ رينجرز اهلڪار به فرض انجام ڏيندا جڏهن ته ڪمانڊوز اسٽيڊيم، پريڪٽس، ايئرپورٽ، روٽس ۽ ٻين هنڌن تي مقرر هوندا. اختيارن جو چوڻ آهي ته تماشائين لاءِ چاڻنا گرائونڊ کي پارڪنگ لاءِ مختص ڪيو ويو آهي. ميچ کان ٽي ڪلاڪ اڳ اسٽيڊيم جا دروازا کوليا ويندا جڏهن ته ميچ ڏسڻ لاءِ اسٽيڊيم جو رخ ڪندڙ تماشائي لاءِ پاڻ وٽ اصل قومي سڃاڻپ ڪارڊ رکڻ لازمي قرار ڏنو ويو آهي.

بقايا 11

ڪميشن ۾ سني اتحاد ڪائونسل خلاف داخل ڪرايل 6 درخواستن تي ٻڌڻي اڄ تائين ملتوي. ٻڌڻي دوران پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ وڪيل علي ظفر چيو ته پيپلزپارٽي ۽ نون ليگ اسان جون سيٽون وٺڻ چاهين ٿيون ته سامهون اچن. پيپلزپارٽي جي وڪيل فاروق ايڇ نائڪ چيو ته پيپلزپارٽي ۽ نون ليگ سني اتحاد ڪائونسل جي مخصوص سيٽن کي چيلنج ڪيو آهي. اسان وڪيل مخصوص سيٽون پيپلزپارٽي ۽ نون ليگ کي ڏيڻ جي درخواست ڪئي آهي. نون ليگ جي وڪيل اعظم نذير تارڙ چيو ته سني اتحاد ڪائونسل آخري تاريخ تائين اليڪشن ڪميشن ۾ مخصوص سيٽن لاءِ ڪا فهرست ئي جمع نه ڪرائي. جڏهن فهرست ئي جمع نه ڪرائي ته سني اتحاد ڪائونسل کي مخصوص سيٽون ڪيئن ٿيون ڏئي سگهجن؟ چيف اليڪشن ڪمشنر چيو ته اليڪشن ڪميشن هن معاملي تي سمورين ڌرين کي ٻڌندي، علي ظفر چيو ته قانون، آئين ۽ انصاف موجب مخصوص سيٽون سني اتحاد ڪائونسل کي ملڻ گهرجن. اعظم نذير تارڙ چيو ته سني اتحاد ڪائونسل قومي اسيمبلي ۾ هڪ به سيٽ نه کٽي سگهي آهي. عوام ان کي اليڪشن ۾ رد ڪري ڇڏيو آهي ۽ پارٽي ۾ آزاد اميدوارن کي گڏ ڪري مخصوص سيٽون ڪيئن ڏئي سگهجن؟ اليڪشن ڪميشن جي ميمبر اڪرام الله خان چيو ته نون ليگ، پيپلزپارٽي ۽ ايم ڪيو ايم جي درخواست آهي ته اهي مخصوص سيٽون هنن ۾ ورهايون وڃن. علي ظفر چيو ته مون کي درخواستن جون ڪاپيز ڏيو سڀاڻي مان انهن تي دليل ڏيندس. اليڪشن ڪميشن ٻڌڻي سڀاڻي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 12

بيمارين جو علاج مهانگو آهي. صحت جي نظام تي بار پوي ٿو. بيمارين کان بچاءُ سان ملڪ جي صحت جي نظام تي دٻاءُ ۾ گهٽتائي ايندي. ماڻهن ۾ احتياطي تدبيرن بابت شعور اجاگر ڪرڻ جي ضرورت آهي. هو پاڪستان نيشنل هارٽ ايسوسيئيشن (پناهه) جي وفد سان ملاقات دوران ڳالهائي رهيو هو. پناهه جي صدر ميجر جنرل (ر) مسعود الرحمان ڪياني صدر کي غيرمتعدي بيمارين ۽ دل جي مرضن جي حوالي سان پناهه جي ڪردار بابت بريفنگ ڏني. صدر چيو ته غيرمتعدي مرضن ۽ دل جي مرضن جي روڪٿام لاءِ آگاهي پيدا ڪرڻي پوندي. بيمارين کان بچاءَ جي لاءِ ميڊيا، مقامي آبادي، مسجدن ۽ غيرسرڪاري تنظيمن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو، آگاهي پيغام وڏي پئماني تي ماڻهن تائين پهچائڻ جي لاءِ جديد پليٽ فارمز کي استعمال ۾ آندو وڃي. وفد صدر کي مختلف بيمارين بابت آگاهي، ڪنٽرول ۽ تربيت جي حوالي سان پناهه جي سرگرمين بابت ٻڌايو ته پنهنجي قائم ٿيڻ کان وٺي هيستائين پناهه عوامي آگاهي جي لاءِ مختلف پليٽ فارمز جو استعمال ڪري رهي آهي. پناهه هيستائين آگاهي واڪس، سيمينارز، ليڪچرز ۽ تربيتي سيشنز جو اهتمام ڪري چڪي آهي. پناهه صحتمنداڻي سرگرمين ۽ طرز زندگي بابت به آگاهي پيدا ڪري ٿي. وفد صدر کي پناهه جي سرگرمين ۽ ڪارڪردگي جي حوالي سان رپورٽ پڻ پيش ڪئي. صدر بيمارين خاص طور تي دل جي مرضن جي حوالي سان آگاهي پيدا ڪرڻ ۾ پناهه جي ڪردار کي ساراهيو.

بقايا 13

اهڙن خيالن جو اظهار انسپيڪٽر جنرل (آئي جي) سنڌ پوليس رفعت مختار مهراڻ يونيورسٽي ۾ شاگردن کي خطاب ڪندي ڪيو. آئي جي سنڌ پوليس چيو ته وچٽري ڪارڪردگي ۽ صلاحيتن وارو شاگرد اعليٰ عهدي ۽ مقام تي هن دور ۾ نٿو پهچي سگهي، جيڪو ٽاپ ڪندو جنهن جو بهترين ڪم هوندو اهو ئي ڪامياب ٿي سگهندو. رفعت مختار چيو ته مون سي ايس ايس جو امتحان رد عمل ۾ اچي ڏنو هو. منهنجا شاگردي جي دور ۾ پوليس سان تمام گهڻا جهيڙا ٿيندا هئا. يونيورسٽي ۾ ڪانووڪيشن جي تقريب ۾ ملڪ جو صورتحال اڄڪلهه آهي ڪجهه نوجوان ايس ايس پي سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو وٺڻ آيا هئا مون کي انهي ڪانووڪيشن ۾ ميڊل مليو هو انهن ايس ايس پي کي ڏسي خيال آيو ته آئون به انهن وانگر ايس ايس پي ٿيندس ۽ ائين پوليس ۾ اچي ويس. هن چيو ته اسان جي ملڪ ۾ پنهنجي سماجي رتبي لاءِ ماڻهو آفيسر ٿيندا آهن عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ نه. هن چيو ته جيڪي راڄ ڪرڻ جي خيال سان آفيسر ٿيندا آهن اهي خدمت ڪيئن ڪري سگهندا. آئي جي سنڌ پوليس چيو ته هندستان مان انگريز ويو هليو انهي جون روايتون ڀارت ۾ نه رهيون آهن پر بدقسمتي سان پاڪستان جي رياستي نظام ۾ اڄ به انگريز جون روايتون هلن ٿيون. اسان جي سماج ۾ اڄ به انهن روايتن جو اثر آهي. آئي جي شاگردن کي ٻڌايو ته آئون مهراڻ يونيورسٽي جي ٽيڪسٽائل شعبي ۾ گرمي ۽ سردي کان بچڻ ۽ محفوظ رهڻ لاءِ پوليس اهلڪارن جي وردي جو ڪپڙو ٺهرائڻ جي خيال سان آيو هئس پر مون کي توهان سان گفتگو ڪرڻ جو زبردست موقعو مليو آهي. مهراڻ يونيورسٽي جي شاگردن سان مخاطب ٿي ڏاڍي خوشي ٿئي. هن چيو ته ڀارت جا بهترين دماغ آمريڪا ۽ يورپ وڃي پنهنجي ملڪ موٽي ايندا آهن ۽ اسانجي ملڪ جا بهترين دماغ پنهنجي ملڪ ۾ رهڻ نٿا چاهين. ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طه حسين علي چيو ته مهراڻ يونيورسٽي مسئلن جي حل لاءِ تحقيق ڪري ٿي. وقتن بوقتن ضرورت جون شيون ناهي ٿي جيئن ڪووڊ ۾ ماسڪ تيار ڪيو ۽ ٻوڏ دوران ٽنبو ۽ خراب پاڻي کي پيئڻ جي پاڻي ۾ بدلائڻ واري پمپنگ مشين ناهي. هن چيو ته اسان جو عزم آهي ته تحقيق اها ٿئي جيڪا ملڪ ۽ معاشري جي مسئلن جي حل لاءِ ڪم اچي. تقريب ۾ اسسٽنٽ انسپيڪٽر جنرل سنڌ پوليس خاور اڪبر شيخ، ڊي آئي جي اسٽيبلشمينٽ سيد پير محمد شاهه، مهراڻ يونيورسٽي جي ڊين فئڪلٽي ڊاڪٽر خانجي هريجن، ڊاڪٽر عبدالستار لاڙڪ ۽ شاگردن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي.

بقايا 14

راولپنڊي ۾ اڊيالا جيل ٻاهران صحافين سان ڳالهائيندي پي ٽي آءِ جي جنرل سيڪريٽري عمر ايوب چيو ته عمران خان عامر ڊوگر کي قومي اسيمبلي اسپيڪر جڏهن ته جنيد خان کي ڊپٽي اسپيڪر جي اميدوار طور نامزد ڪيو آهي. هن چيو ته فارم 45 اسان وٽ موجود آهن. آخري ساهه تائين وڙهنداسين، ڪاميابي پي ٽي آءِ جي ٿيندي.

بقايا 15

جون قيمتون وڌائڻ جون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن. پيٽرول ساڍا 4 روپيا جڏهن ته ڊيزل 2 روپيا 50 پئسا في ليٽر مهانگو ٿيڻ جو امڪان آهي. ان کان علاوه گاسليٽ 2 روپيا 92 پئسا في ليٽر مهانگو ٿي سگهي ٿو جڏهن ته لائٽ ڊيزل آئل جي قيمتن کي برقرار رکڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. ذريعن ٻڌايو آهي ته اوگرا پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ جي سمري 29 فيبروري تي پيٽروليم واري وزارت ڏانهن اماڻيندي. نائي وارو وزير وزيراعظم سان مشاورت کان پوءِ نئين قيمتن جو اعلان ڪندو. نيون قيمتون پهرين مارچ کان 15 مارچ تائين لاڳو هونديون.

بقايا 16

سيٽس جي معاملي تي اليڪشن ڪميشن ۾ ٻڌڻي بعد پريس ڪانفرنس ڪندي ن ليگ اڳواڻ اعظم نذير تارڙ ۽ عطا تارڙ چيو ته سني اتحاد ڪائونسل جون مخصوص سيٽس ته ٿيون نهن. اهي سيٽس ن ليگ کي ڏنيون وڃن. هنن چيو ته اليڪشن ڪميشن ۾ سياسي جماعتن جي اميدوارن درخواستون داخل ڪيون هيون. پي ٽي آءِ يا سني اتحاد ڪائونسل طرفان ڪا به درخواست نه ڏني وئي. نواز ليگ اڳواڻن چيو ته هاڻي واويلا ڪئي پئي وڃي ته اليڪشن ڪميشن اسان کي مخصوص سيٽس نه ٿي ڏئي. پي ٽي آءِ پاران مخصوص سيٽس گهرڻ جو مطالبو غير آئيني آهي.

بقايا 17

ڪان پوءِ رياست ۾ نئون قانون لاڳو ڪيو ويو آهي. مودي حڪومت آسام ۾ مسلم قانون کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي، جنهن تحت نابالغ مسلمانن کي شادي ڪرڻ جي اجازت هئي. مودي حڪومت پاران 89 سال پراڻي قانون کي ختم ڪرڻ جو مقصد شادي، طلاق، هنج وٺڻ ۽ وراثت لاءِ هڪ جهڙا شهري قانون لاڳو ڪرڻ چاهي پئي. واضح رهي ته اهڙا ئي قانون اتراکنڊ رياست ۾ هلندڙ مهيني کان لاڳو ٿي ويو آهي. پر آسام جتي مسلمانن جي سڀ کان وڌيڪ 34 سيڪڙو آبادي آهي. ان فيصلي جي مخالفت ڪندي نظر اچي پئي.

بقايا 18

چيو ته پنجاب ۾ ايئر ايمبولينس جو منصوبو پرويز الاهي جو هو. اهو مريم نواز جو ڪو قدم ناهي. هن چيو ته منصوبي تي ڪم 2003ع ۾ شروع ڪيو ويو. ميو اسپتال لاهور ۾ ايمبولينس هيليڪاپٽر ٺاهيو ويو. شهباز شريف حڪومت منصوبي تي ڪم روڪيو راجا بشارت چيو ته پي ٽي آءِ جي دور ۾ منصوبي تي ٻيهر ڪم شروع ڪيو ويو. دوست ملڪ کان ايئر ايمبولينس وٺڻ جو به معاهدو ٿيو.

بقايا 19

مارڪيٽ ۾ اڄ ريٽي جي ڀيٽ ۾ ڊالر 8 پئسا مهانگو ٿي 279 روپيه 28 پئسن جو ٿي ويو. هوڏانهن اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 24 پئسا سستو ٿي 282 روپيه 4 پئسن تي بند ٿيو آهي.

بقايا 20

نجي ڪمپني Intuitive Machines (آءِ ايم) جو اهو مشن 5 ڏينهن اڳ چنڊ تي پهتو هو. اوڊيشين نالي ليندر چنڊ جي سطح تي غلط پوزيشن ۾ لينڊ ڪيو جنهن سبب ان مشن کي 5 ڏينهن کان پوءِ ئي ختم ڪرڻ پئجي ويو ناسا ان مشن لاءِ آمريڪي ڪمپني جي ڀائيواري سان موڪليو هو.

بقايا 21

رپورٽ موجب لينڊ لاڪڊ ملڪ ۾ ڊسمبر کان مارچ جي وچ ۾ سخت ٿڌ پوڻ ڪا نئين ڳالهه نه آهي، جتي ڪجهه علائقن ۾ پارو ڪاٽو 50 ڊگري سينٽي گريڊ تائين اچي ويندو آهي. گڏيل قومن پنهنجي رپورٽ ۾ ٻڌايو ته هلندڙ سياري جي موسم معمول کان وڌيڪ ٿڌي آهي. جڏهن ته گهڻي برفباري ۽ معمول کان گهٽ پارو رڪارڊ ڪيو ويو آهي. منگوليا جي زراعت واري وزارت موجب بک ۽ ٿڌ جي نتيجي ۾ 21 لک ڍور مري چڪا آهن جن ۾ رڍون، ٻڪريون، گهوڙا ۽ گهوٽ شامل آهن. سخت موسم کي ڏزود (dzud) جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي ۽ عام طور تي ان موسم جي نتيجي ۾ وڏي انگ ۾ ڍورن جي مرڻ جا واقعا ٿيندا آهن. گڏيل قومن موجب موسمياتي تبديلي جي نتيجي ۾ ان جي شدت وڌي رهي آهي.

بقايا 22

ڪيو ويو سي ايم هائوس ۾ سنڌ جي نگران وڏي وزير مقبول باقر کي الوداعي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو ان موقعي تي سنڌ جي چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم، صوبائي سيڪريٽرين، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي ۽ ٻين اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. گارڊ آف آنر پيش ڪرڻ تي نگران وڏي وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر سي ايم هائوس جي اسٽاف جا ٿورا مڃيا

بقايا 23

ڏيندي چيو آهي ته امن جي ڳولا گڏيل ذميواري آهي. حڪومتي ادارن، سول سوسائٽي جي تنظيمن ۽ تحقيقي ادارن جي تعاون سان پاڪستان ۾ وسيع تر امن جي عمل کي اڳتي وڌائي سگهجي ٿو. اهڙن خيالن جو اظهار هن پيس فلڪس انٽرنيشنل ڪانفرنس اينڊ ايوارڊز جي افتتاحي سيشن "پاڪستان ۾ پاليسي سازي ۽ امن عمل" کي خطاب ڪندي ڪيو. اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير چيو ته امن جي جستجو اسان جي گڏيل ذميواري بڻجي چڪي آهي. اسان مختلف ادارن جي گڏيل ڪوشش سان گڏ بيٺل آهيون جيڪي ملڪ ۾ امن جي بنياد کي مضبوط ڪرڻ ۾ مصروف آهن. پاڪستان حڪومت، عالمي ادارا ۽ مقامي تنظيمون هر هڪ امن، رواداري ۽ هم آهنگي جي لاءِ پنهنجو منفرد حصو وجهي رهيا آهن. هن چيو ته جيئن ته اسان جي قومي معيشت، سياست ۽ ماحولياتي خدشن جي مشڪل دائرن مان گذري رهي آهي، ته اهڙي ۾ سماجي امن جو تحفظ سڀ کان وڌيڪ اهميت رکندڙ آهي. قومي ۽ عالمي ٿنڪ ٽينڪس ڪانسواءِ امن جي تنظيمن انتهاپسندي جي مقابلي، تڪرارن جي حل ۽ تڪرارن جي روڪٿام بابت گهري سوچ جي لاءِ انتهائي قيمتي تحقيق ڪئي آهي ۽ بحث مباحثي کي آسان بڻايو آهي. هن چيو ته ميڊيا هائوسز ۽ صحافتي تبديلي جي طاقتور نمائندن جو ڪردار ادا ڪن ٿا. انتهاپسندانه نظرين کي چئلينج ڪن ٿا ۽ شموليت جي حمايت ڪن ٿا. اعتدال جي آوازن کي وڌائين ٿا ۽ مختلف ثقافتن جي وچ ۾ بحث مباحثي جي سهولت فراهم ڪرڻ ۾ انهن جو اهم بنيادي ڪردار آهي. هن چيو ته امن حاصل ڪرڻ ۾ سياسي پارٽين تي وڏي ذميواري لاڳو ٿئي ٿي. مفاهمت ۽ گڏيل احترام جي لاءِ سياسي اڳواڻن جي حمايت امن کي فروغ ڏيڻ ۾ سياست جي گهري اثرن کي نمايان ڪري ٿي. اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير چيو ته نيشنل ڪائونٽر ٽيررازم اٿارٽي (نيڪٽا) هڪ بنيادي اداري طور ڪم ڪري رهي آهي جيڪا دهشتگردي جي خاتمي جي ملڪ گير ڪوشش ڪري ٿي. انتهاپسندي کي منهن ڏيڻ ۽ سلامتي جي تحفظ جي لاءِ ان جو عزم پاڪستاني شهرين کي عسڪريت پسند گروپن جي خطرن کان بچائڻ جي لاءِ هڪ پختي وابستگي جو مظهر آهي. هن چيو ته پاڪستان معاشري ۾ پائيدار امن ۽ تڪرارن جي روڪٿام جي لاءِ آمريڪي سفارتخاني اسلام آباد جون ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن. اهڙي طرح اوڀر ۽ اولهه جي وچ ۾ خال گهٽ ڪرڻ جي لاءِ ايسٽ ويسٽ سينٽر پاڪستاني معاشري ۾ امن ۽ رواداري کي فروغ ڏيڻ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪري ٿو. انهن تنظيمن پاڪستان جي حساس علائقن خاص طور تي ڳوٺاڻي علائقن ۾ تبديلي کي متحرڪ ڪيو آهي. نگران وفاقي وزير چيو ته سسٽين ايبل ڊيولپمينٽ پاليسي انسٽيٽيوٽ (ايس ڊي پي آءِ) هڪ پاڪستاني ٿنڪ ٽينڪ آهي جيڪا ملڪ ۾ جمهوريت، گڊ گورننس ۽ امن کي مضبوط بڻائڻ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪري رهي آهي. هڪ ٻي ناليواري پاڪستاني ٿنڪ ٽينڪ جناح انسٽيٽيوٽ امن ۽ سلامتي بابت اهم پاليسي ريسرچ، اسٽريٽجڪ تجزيي ۽ راءِ شماري ڪري ٿي. سينٽر فار پيس اينڊ ڊيولپمينٽ انيشي ايٽوز (سي پي ڊي آءِ) امن جي تعمير جي ڪوشش ۾ شفافيت، احتساب ۽ شهرين جي شرڪت کي فروغ ڏئي ٿو جيڪو هڪ هم آهنگ معاشري جي لاءِ گڏيل عزم کي مضبوط بڻائي ٿي هن چيو ته پاڪستان ۾ امن قائم ڪرڻ ۾ مختلف تنظيمن بشمول سرڪاري ادارن، سول سوسائٽي جي تنظيمن (سي ايس اوز) ۽ تحقيقي ادارن جو اهم ڪردار آهي جن ملڪ ۾ امن، رواداري ۽ هم آهنگي کي فروغ ڏيڻ جي مقصد سان پاليسين ۽ پروگرامز کي فعال طريقي سان لاڳو ڪيو آهي. هن چيو ته گهرو وزارت، پرڏيهي وزارت ۽ انساني حقن واري وزارت دهشتگردي ۽ انتهاپسندي جي خاتمي جي لاءِ نيشنل ايڪشن پلان جهڙن قدمن جي قيادت ڪئي، اهي پاليسيون تڪرارن جي بنيادي سببن کي منهن ڏيڻ ۽ ملڪ ۾ استحڪام کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ اهم آهن. سول سوسائٽي جون تنظيمون امن ۽ سماجي هم آهنگي کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. هن چيو ته يونائيٽيڊ اسٽيٽس انسٽيٽيوٽ آف پيس (يو ايس آءِ پي) جهڙا تحقيقي ادارا پاليسي سان لاڳاپيل تجزيئاتي ڪم جي انعقاد ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا رهيا آهن جيڪي پاڪستان ۾ امن ۽ تڪرارن جي سببن جي بهتر حل ۾ مددگار آهن. يو ايس آءِ پي جي ڪوشش ۾ امن قائم ڪرڻ ۾ سهولت فراهم ڪرڻ، سفارتڪاري جي حمايت ڪرڻ، دهشتگردي جي خاتمي جي چئلينجن جو جامع انداز ۾ جائزو وٺڻ شامل آهي. اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير چيو ته پيس فلڪس انٽرنيشنل ڪانفرنس ۽ ايوارڊ تقريب ۾ سڄي پاڪستان مان مختلف نسلي ۽ ثقافتي پس منظر جي امن سازن جي تعاون جو اعتراف ڪرڻ اعزاز جو سبب آهي. عالمي نمائندن خاص طور تي ايسٽ ويسٽ سينٽر جي موجودگي ۾ اسان ترقي ۽ استحڪام طرف پاڪستان جي متوازن ۽ ترقي پسنداڻي موقف جو اظهار ڪريون ٿا. تقريب قومي ۽ عالمي امن سازن جي لاءِ هڪ واضح پيغام آهي جيڪا انهن تي زور ڏئي ٿي ته اهي پرامن معاشري کي فروغ ڏيڻ جي گڏيل مقصد ۾ پنهنجو حصو وجهن. مرتضيٰ سولنگي چيو ته حڪومت جي ڪردار تي پنهنجو ڌيان ڏيندي گهرو، پرڏيهي ۽ انساني حقن وارين وزارتن اهڙيون پاليسيون ناهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون جيڪي امن ۽ استحڪام کي فروغ ڏين ٿيون. نيشنل ايڪشن پلان حڪومت پاران تيار ڪيل هڪ اسٽريٽجڪ فريم ورڪ، فوجداري نظام انصاف کي مضبوط بڻائڻ ۽ مدرسن کي منظم ڪرڻ جي قدمن تي عملدرآمد ڪري دهشتگردي ۽ انتهاپسندي کي منهن ڏئي ٿو. هن چيو ته حڪومتي ادارن، سول سوسائٽي جي تنظيمن ۽ تحقيقي ادارن جي تعاون سان اهي پاليسي قدر پاڪستان ۽ وسيع تر امن جي عمل ۾ نمايان ڪردار ادا ڪن ٿا. اهي تڪرارن جي سببن بابت اسان جي سمجهه وڌائين ٿا، تڪرارن جي روڪٿام ۽ حل ۾ مقامي صلاحيتن کي مضبوط بڻائين ٿا. پرتشدد انتهاپسندي جي خلاف وڙهڻ جي لاءِ انقلابي منصوبن جي حمايت ڪن ٿا ۽ متنوع گروهن جي وچ ۾ بحث مباحثي کي فروغ ڏين ٿا. انهن گڏيل ڪوشش جي ذريعي پاڪستان هڪ وڌيڪ پرامن، روادار ۽ هم آهنگ معاشري طرف گامزن آهي.

بقايا 24

کان وڌيڪ اثاثن واري ڪيس جي ٻڌڻي 28 مارچ تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ڪراچي جي احتساب عدالت ۾ سنڌ اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر آغا سراج دراني خلاف آمدني کان وڌيڪ اثاثن واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، سنڌ اسيمبلي جو اڳوڻو اسپيڪر آغا سراج دراني عدالت ۾ پيش ٿيو ڪيس جي ٻڌڻي بنا ڪنهن ڪارروائي جي 26 مارچ تائين ملتوي ڪئي وئي.

بقايا 25

مارجي ويو پوليس موجب مقتول جيل مان قيد ڪاٽي آيو هو، واقعو ذاتي دشمني جو نتيجو لڳي ٿو. پراڻي سبزي منڊي وٽ 45 ورهين جي شخص جو گولين لڳل لاش هٿ آيو سڃاڻپ نه ٿي سگهي پوليس موجب لاش جي ايف بي ايريا، شفيق ڪالوني ۾ هٿياربندن 40 ورهين جي شبير پٽ قاسم کي قتل ڪري ڇڏيو. ناظم آباد گول مارڪيٽ ۾ فائرنگ سبب 75 ورهين جو اقبال پٽ اسماعيل مارجي ويو.

بقايا 26

ملر پريس بريفنگ ۾ چيو ته اسان پاڪستان ۾ حڪومت کي ان انداز ۾ اڳتي وڌندي ڏسڻ چاهيون ٿا جيڪو پاڪستاني عوام جي مرضي جي عڪاسي ڪري. هن چيو ته نئين حڪومت جي جوڙجڪ پاڪستاني قيادت جي عمل هيٺ آهي. آمريڪا ان ۾ ڌر نه آهي. رپورٽ ڪيل بي ضابطگين جي جاچ جلد کان جلد مڪمل ٿيڻ گهرجي.

بقايا 27

درجو مارڪيٽ ريٽ مان وڌائي هيوي ويٽ ڪيو ويو آهي. هوڏانهن عالمي مالياتي خبررسان اداري بلوم برگ جي رپورٽ موجب پاڪستان ۾ اليڪشن سياسي بي يقيني گهٽائي ڇڏي آهي. جنهن کانپوءِ پاڪستان جي ڊالر بانڊ ۾ عالمي سيڙپڪارن جي دلچسپي ۾ واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي.

بقايا 28

بنياد تي قيد ڪيو ويو. مقبول عوامي قيادت خلاف سازش جو نقصان ملڪ ۽ قوم کي ٿيندو آهي. ترجمان چيو ته پاڪستان جي معيشت بهتر ڪرڻ لاءِ سياسي استحڪام ضروري آهي. مقبول عوامي نمائندن خلاف سازش جو سلسلو رڪجڻ گهرجي. عوام جي مرضي جو احترام بنيادي گهرج آهي.

بقايا 29

موٽر سائيڪلن تي سوار جوابدار آيا ۽ فائرنگ ڪري ڏني، جنهن ۾ اعجاز مارجي ويو پراسيڪيوشن ٻڌايو ته جوابدار شڪيل عرف بنارسي کي 2015ع ۾ نائن زيرو تان گرفتار ڪيو ويو هو. جوابدار جاچ دوران ٻين جوابدارن جي قتل ۾ ملوث هجڻ جو انڪشاف ڪيو هو. جوابدارن خلاف پاڪستان بازار ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو هو عدالت ڏوهه ثابت ٿيڻ تي سياسي جماعت جي ڪارڪن شڪيل بنارسي کي ٻه ڀيرا موت جي سزا جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت عدم شاهدين جي بنياد افسر زيدي، ذوالفقار، عادل بڪلا ۽ ڪاشف کي بري ڪري ڇڏيو.

بقايا 30

اڳڪٿي موجب پهرين مارچ کان ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ڪڻ ۽ گجگوڙ سان برسات جو امڪان آهي. پهرين مارچ کان سنڌ جي مختلف ضلعن ڄامشوري، ٺٽي، ٿرپارڪر، بدين، عمرڪوٽ، ميرپورخاص، حيدرآباد، ٽنڊي الهيار، ٽنڊي محمد خان، نوشهري فيروز، شهيد بينظير آباد ۾ به ڪڻ ۽ گجگوڙ سان برسات جو امڪان آهي. ارلي وارننگ سينٽر موجب اولهه هوائن جو بلوچستان تي برقرار سلسلو شدت اختيار ڪري ويندو، جنهن سبب 29 فيبروري کان 2 مارچ دوران قمبر — شهدادڪوٽ، جيڪب آباد، لاڙڪاڻي، شڪارپور، ڪشمور، گهوٽڪي ۽ سکر ۾ برسات جو امڪان آهي. چيف ميٽرولاجسٽ سردار سرفراز موجب پهرين مارچ کان ڪراچي ۾ ڪڻ ۽ گجگوڙ سان برسات دوران شهر ۾ ڪجهه هنڌن تي تيز برسات جو به امڪان آهي. جڏهن ته ان دوران معمول کان تيز هوائون گهلي سگهن ٿيون. جنهن جي نتيجي ۾ ٿڌ وڌي ويندي. غير سرڪاري ويدر اسٽيشن پاڪ ويدر ڊاٽ ڪام جي جواد ميمڻ موجب جاڳايل اولهه سسٽم تحت ڪراچي ۾ برسات جا ڳرا اسپيل ٿي سگهن ٿا. جنهن دوران شهر ۾ ڪجهه هنڌن تي ٻوڙ به پئجي سگهي ٿو.

بقايا 31

اسيمبلي ميمبر سني اتحاد ڪائونسل ۾ شامل ٿيا آهن جڏهن ته پنجاب مان 10 ايم پي ايز سني اتحاد کي جوائن ڪيو آهي. هن چيو ته اميد ڪريون ٿا اليڪشن ڪميشن جو فيصلو انصاف تي ٻڌل هوندو. هن وڌيڪ چيو ته ريزرو سيٽن جو فيصلو ٿيڻ تائين ڪو اسيمبلي سيشن نٿو ٿي سگهي. سنڌ ۽ پنجاب اسيمبلي جا سيشن به غيرقانوني ٿيا.

بقايا 32

ڪيترائي روڊ بند ٿي ويا آهن. برفباري کان پوءِ ڪوئٽه ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ برسات پڻ پئي جنهن سبب ٿڌ جي شدت ۾ واڌ ٿي وئي شهر جي ڪيترن ئي علائقن ۾ سوئي گيس جو پريشر نه هجڻ سبب رهواسين کي پريشاني جو منهن ڏيڻو پيو قلات، سبي، مستونگ، نوڪنڊي، تفتان ۾ به برسات جو سلسلو وقفي وقفي سان جاري آهي جنهن جي ڪري ٿڌ جي شدت ۾ واڌ ٿي وئي. هوڏانهن اتر ۽ ڏکڻ وزيرستان ٽانڪ، هنگو، اورڪزئي، لڪي مروت ۾ ڪٿي برسات ته ڪٿي برفباري سبب موسم ٿڌو ٿي ويو آهي. ديامر ۽ چلاس ۾ برفباري جو سلسلو وقفي وقفي سان جاري رهڻ سبب ڪيترائي روڊ بند ٿي ويا آهن. موسميات کاتي موجب اڄ مري، گليات ۽ ڀرپاسي ۾ برسات ۽ برفباري جو امڪان آهي. جڏهن ته راولپنڊي، جهلم، چڪوال، سرگوڌا، ميانوالي، گجرات، بهاولپور سميت پنجاب جي مختلف شهرن ۾ برسات جي اميد ڏيکاري وئي آهي. ڪراچي ۾ موسم تبديل ٿي وڃڻ سبب تيز هوائن جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي.

بقايا 33

آهي ته ڪير کٽي رهيو آهي ۽ ڪير هارائي رهيو آهي. جيڪڏهن پي ٽي آءِ کٽي آهي ته ان کي حڪومت ڏيو. جيڪڏهن انهن جي مداخلت آهي ته ايندڙ چونڊن جو به ڪو فائدو نه ٿيندو. اسان جو پارلياماني نظام جاري رهندو، سندس چوڻ اصولي فيصلو ڪيو آهي ته صدر جي چونڊ ۾ ووٽ نه وجهنداسين. جڏهن ته خيبر پختونخواهه اسيمبلي ۾ وڏي وزير ۽ اپوزيشن ليڊر جي چونڊ ۾ لاتعلق رهنداسين. مولانا فضل الرحمان چيو ته پي ٽي آءِ وفد آيو، اسان روايتن موجب انهن کي عزت ڏني. ڪو اسان جا خدشا ختم ڪرڻ ۾ سنجيده هجي ته سياست ۾ ڳالهيون ٿينديون آهن. پي ٽي آءِ باني جي گرفتاري وقت به چيو هو ته مقابلي جو مزو نٿو اچي. اسان پاڻ قيد ۾ رهي چڪا آهيون. سياسي ماڻهو جيل ويندا آهن. مان ڪنهن سياستدان جي قيد ۾ رهڻ تي خوش ناهيان ٿيندو. جي يو آءِ سربراهه چيو جيڪڏهن اهي سمجهن ٿا ڌانڌلي ناهي ٿي ته پوءِ 9 مئي جو بيانيو دفن ٿي ويو. اسٽيبلشمينٽ چاهي ٿي ته اسيمبليون به انهن موجب هجن ۽ ماڻهو به. 2018ع ۽ 2024ع جي ڌانڌلي هڪ جهڙي ٿي آهي. عوام جو نمائندو اسٽيبلشمينٽ جو نمائندو نه هجڻ گهرجي.

بدين ۾ جي ڊي اي پاران اليڪشن ۾ ڌانڌلي خلاف احتجاج ڪيو ويو

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) اليڪشن ۾ بدترين ڌانڌلين ڪري عوامي مينڊيٽ چوري ڪرڻ جي خلاف جي ڊي اي جي سڏ تي سوين اڳواڻن ۽ ڪارڪنن بدين ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي نيشنل پريس ڪلب جي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ريلي ۾ شامل ڪارڪنن جي هٿن ۾ بلي ڪارڊ بينر ۽ مختلف پارٽين جا جهنڊا هئا جن تي ڌانڌلي جي خلاف نعرا لکيل هئا هن موقعي تي اڳواڻن ايس يو پي جي مرڪزي نائب صدر امير آزاد پنهور سيد حيدر شاهه مرزا گروپ جي دلبر سنڌي عبدالله چانڊيو واحد بخش چانڊيو پيرو شاهاڻي جماعت اسلامي جي سيد علي مردان شاهه فتح خان کوسو تحريڪ انصاف جو ايڊووڪيٽ سجاد شاهه ۽ عزيز بڪاري فنڪشنل مسلم ليگ جي قربان کوسو سنڌياڻي تحريڪ جي شازيا احمداڻي قومي عوامي تحريڪ جو رشيد گوپانگ محمد بچل احمداڻي ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته موجوده اليڪشن هن صدي جو سڀ کان وڏو فراڊ هو جنهن ۾ پاڪستان جا رياستي ادارا ملوث آهن هنن چيو ته هي اليڪشن نه سليڪشن هئي جيڪا رياستي ادارن تي مهينا پهرين ڪري ڇڏي هئي هنن چيو ته انهن رياستي ادارن سنڌ تي زرداري جي حاڪميت قائم ڪرڻ لاءِ زرداري کان اربين روپيا رشوت ورتي آهي ۽ سنڌ جو عوام سندن مينڊيٽ چوري ڪري سنڌ دشمنن جي حوالي ڪري ڇڏي آهي ۽ هڪ سازش تحت سنڌ جا شهر ايم ڪيو ايم جي دهشت گردن جي حوالي ۽ سنڌ جو باقي حصو سنڌ دشمن زرداري جي حوالي ڪيو ويو آهي هنن چيو ته جي ڊي اي ۽ جماعت اسلامي جا جيڪي اميدوار رات جو اٺين وڳي کٽي چڪا هئا انهن کي رات جو دير سان پلاننگ تحت هزارين ڪوڙا ووٽ وجهي هارائي آر اوز زوريءَ من پسند نتيجا ڏيکاري اليڪشن ۽ عوام جي مينڊيٽ کي چورايو ويو آهي جنهن جي ڪري دنيا ۾ ملڪ جي وڏي بدنامي ۽ عوام جي مينڊيٽ جي توهين ٿي آهي هنن چيو ته زرداري ۽ ڪيس فراڊ زوريءَ اقتدار ڏيندڙن جي خلاف سنڌ جي لکين ماڻهن حيدرآباد ۽ موري ۾ ڌرڻا هڻي پنهنجو پرامن احتجاج رڪارڊ ڪرايو 24 فيبروري تي ڪوڙي مينڊيٽ جي خلاف ڪراچي ۾ پرامن احتجاج ڪندڙ ڪارڪنن ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي مائرن ڀينرن کي لٺيون هڻي شيلنگ ڪري ڪين گرفتار ڪري رياستي ڏاڍ جو بدترين مظاهرو ڪيو ويو هنن چيو ته مينڊيٽ چورن لڱن منشيات فروشن جي خلاف حقيقي مينڊيٽ جي بحالي تائين جي ڊي اي جي پرامن احتجاجي تحريڪ جاري رهندي

سکر: سنڌ گيمز ۾ سکر ڊويزن ٽئين پوزيشن حاصل ڪري ورتي

سکر(رپورٽر) 18هين سنڌ گيمز 2024ع ۾ سکر ڊويزن ٽئين پوزيشن حاصل ڪري ورتي. سکر ڊويزن جو 565 رانديگرن ۽ آفيسرن سميت ٽيم سکر پهچي وئي اسڪواڊ جو سکر پهچڻ تي شاندار استقبال. سکر ڊويزن جو نالو روشن ڪرڻ تي رانديگرن جي حوصلا افزائي. سکر ڊويزن جي پوزيشن رانديگرن جي محنت جو نتيجو آهي. اسفند يار منگي ويگر جو اظهار. تفصيل موجب سنڌ اولمپڪ ايسوسيئيشن پاران ۽ سنڌ اسپورٽس ڊپارٽمينٽ جي سهڪار سان 18هين سنڌ گيمز 2024 ڪراچي لاءِ565 رانديگرن ۽ آفيسرن تي مشتمل سکر ڊويزن جي اسڪواڊ مختلف ايونٽ جي رانديگرن ۾ گولڊ، سلور ۽ برائونز ميڊل کٽي ٽيون نمبر حاصل ڪري سکر جو نالو روشن ڪيو سکر ڊويزن جو اي ڊي سي ون ۽ چيف آف مشن سکر ڊويزن نصير احمد عباسي، ڊپٽي چيف آف مشن ميڊم عذرا جمال، سيڪريٽري اسفند يار منگي، فنانس سيڪريٽري ذوالفقار حسين سيڪريٽري اسفند يار منگي، ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر مير محمد ڪلهوڙو ۽ ٻين سان گڏ ڪالهه سکر پهتو سکر پهچڻ تي رانديگرن ۽ آفيشلز جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو ويو ۽ رانديگرن کي حوصلا افزائي ڪري سکر کي مشهور ڪيو ويو سکر پهچڻ تي 18هين سنڌ گيمز 2024ع لاءِ سکر ڊويزن جي آفيشل سيڪريٽري ۽ ٻين آفيسرن چيو ته سنڌ گيمز ۾ سکر ڊويزن پنهنجي ڀرپور ڪارڪردگي ڏيکاري ۽ سنڌ گيمز جي مختلف ايونٽ جي رانديگرن ۾ رانديگرن گولڊ، سلور ۽ برونز ميڊل حاصل ڪري سکر ڊويزن کي ٽئين پوزيشن تي آڻي ڇڏيو آهي، فتح سکر ڊويزن جي رانديگرن لاءِ هڪ فتح آهي سندن محنت ۽ لگن جي ڪري سکر ڊويزن سنڌ گيمز ۾ ٽين پوزيشن حاصل ڪئي ان موقعي تي سکر ڊويزن جي ٽيم جي آجيان ڪرڻ لاءِ آيل رانديگرن، آفيسرن ۽ حلقي جي رانديگرن سندس نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

ملير جي ڊي اي جي سڏ تي اليڪشن ۾ ڌانڌلين خلاف احتجاج ڪيو ويو

ملير(ڊ ر) ضلع اوڀر جي ماروڙا گوٺ ۾ جي ڊي اي جي سڏ تي اليڪشن ۾ بدترين ڌانڌلي ۽ سنڌي نياڻين تي ٿيل بدترين تشدد خلاف اڄ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو اڳواڻن ڪارڪنن هٿن ۾ بينر بلي ڪارڊ کڻي سخت نعري بازي ڪندي احتجاجي مظاهرو ڪيو. جنهن ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي. فنڪشنل ليگ - جماعتي اسلامي. پاڪستان تحريڪ انصاف. عوامي راڄ تحريڪ. قومي عوامي تحريڪ جي سڏ تي سوين ڪارڪنن شرڪت ڪئي مظاهري ۾ جي ڊي اي جي سڏ تي پارٽي اڳواڻن پي ٽي آءِ جي اڳواڻ سيف الرحمان - جانشير جوکيجو - سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي اڳواڻ ستار ڏاهري - عبدالواحد مغيري. جماعتي اسلامي جي حماد الله پتو. مولا بخش مهر - عوامي راڄ تحريڪ جي سيد خليل شاهه. قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ مدثر سرڪي - مقصود سومرو ۽ ٻين اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته پوري ملڪ سميت خاص ڪري سنڌ ۾ زرداري راڄ ڪي جعلي ووٽن ذريعي فارم 47 ۾ ڪامياب ڪرايو ويو - خاص ڪري ڪراچي ۾ هڪ دهشتگرد تنظيم ايم ڪيو ايم کي ڪراچي ۾ ٻيهر خونريزي ڪرائڻ لاءِ سيٽون ڏنيون ويون. انهن چيو ته پوري سنڌ ۾ جي ڊي اي جا اميدوار ڪامياب ٿيا آهن. ڪراچي حيدرآباد ۾ جماعتي اسلامي ۽ پي ٽي آءِ جي ڪامياب ٿيل اميدوارن کي هٽ سان هاريو ويو، انهن مطالبو ڪندي چيو ته جي ڊي اي جي ڪارڪنن توڙي عورتن مٿان تشدد ڪندڙن خلاف ايڪشن ڪنيو وڃي ۽ فارم 45 تي ڪامياب اميدوارن کي پنهنجو حق ڏنو وڃي. ٻي صورت ۾ هي احتجاجي ڌرڻا ڪڏهن ختم ڪرڻ ٿيندا.

خانپور مهر جي پرائمري اسڪول مان چوري

خانپورمهر(رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر چوري جو به وارداتون پرائمري اسڪول 11 پڪا چوري. ٻه موٽرسائيڪل پڻ چوري ٿي ويون اڄا ڪوبه ايس ايڇ او مقرر نه ٿيو ڏوهاري بي لغام. خبرموجب خانپورمهر ٿاڻي جي حد ۾ گذريل رات نامعلوم چور گورنمينٽ پرائمري بوائيز اسڪول گوٺ موالي ۾ شريڪ ڪلاسن جا تالا ٽوڙي 11 پنکا چوري ڪري فرار ٿي ويا، حد چوڪي لنڊ بازار پرو هجڻ جي باوجود به ڪارروائي نه ڪئي جڏهن ته ٻيون واقعو خانپورمهر شهر جي شداڻي محلي مان چور انيش ڪمار پٽ چانگومل جي موٽر سائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن جڏهن ته خانپورمهر ٿاڻي ڪوبه ايس ايڇ او مقرر نه ٿي سگهيو آهي جنهن ڪري ڏوهاري بي لغام آهن

اسلام ڪوٽ ۾ وياج خورن خلاف ڪابه ڪارروائي نه ٿي، پوليس خاموش

اسلام ڪوٽ (رپورٽ: صادق بجير)اسلام ڪوٽ ۾ وياج خورن خلاف ڪابه ڪاروائي نه ٿي سگهي،پوليس وياج خورن سان ٻٽ ٻڌيل،متاثرن جي دانهن تي پوليس اي ٽي ايم تي ڇاپوهڻي وڏي تعداد ۾ اي ٽي ايم ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي ۾ پوليس ڏيتي ليتي عيوض باثر سيٺ کي اي ٽي ايم واپس ڪري ڇڏيا، تفصيل موجب:سنڌ حڪومت ۽ عدالت پاران وياج جي ڪاروبار تي پابندي باوجود اسلام ڪوٽ ۾ وياج خورن خلاف ڪا به ڪاروائي عمل ۾ نه اچي سگهي آهي اسلام ڪوٽ جو مشهور وياج خور سيٺ ششيل مکي سري عام پوليس سان ٻٽ هجڻ سبب وياج جو ڪاروبار ڪري سوين ملازمن جون چيڪ بنديون ۽ گاڏين جا ڪاغذ گروي رکي گرو وياج وصول ڪري رهيو آهي پرڪير به سندن ڪان پڇاڻو ڪرڻ وارو نه آهي مليل ڄاڻ موجب هڪ مهينو اڳ ڄاڻايل سيٺ جي ظلم جو شڪار ٿيل ڪيترن ئي ملازمن سيٺ خلاف پوليس وٽ لکت ۾ درخواستون ڏنيون اسلام ڪوٽ پوليس ملازمن جي انفارميشن تي اي ٽي ايم تي ڇاپوهڻي 50 جي لڳ ڀڳ اي ٽي ايم لاکين روپيه روڪ رقم هٿ ڪئي پوليس سيٺ کي فرار ڪرائي بعد ۾ شڪايت ڪندڙن کي ٺاهه لاءِ راضي ڪرائي ڄاڻايل سيٺ کان مبينا لکين روپيه رشوت وٺي ماملو لئي مٽي ڪري ڇڏيو ڪنهن بعد ڪجهه ڏينهن پهرين متاثر ماڻهن پاران پوليس وٽ ڄاڻايل سيٺ جي خلاف شڪايتون ڏنيون ۾ پوليس رڳو آسرن تي هلائيندي رهي مجبورن متاثرن عدالت سگهوري جو در کڙڪايو چيو وڃي ٿو عدالت سگهوري ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو ۾ پوليس هڪ دفعو ٻيهر ڄاڻايل سيٺ کان لکين روپيه رشوت وٺي فريادي ڊر ڪي رلائي رلائي باثر سيٺ سان ٺاهه لاءِ راضي ڪري ورتو ٻي پاسي معلوم ٿيو آهي ته ڄاڻايل باثر سيٺ وٽ سوين حاضر سروس ۽ رٽائرڊ ملازمن جا چيڪ بڪ ۽ اي ٽي ايم گروي رکيل آهي جنهن کان 10 کان 20 سيڪڙو وياج وصول ڪري هر مهيني 25 لک روپيه مهينو غير قانوني وياج وصول ڪري رهيو آهي پوليس سائس ٻٽ هجڻ سبب ڪير به سندن کان پڇاڻو ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي هڪ متاثر ملازم نالو نه لکڻ جي شرط تي ٻڌايو ته مون مجبوري ۾ هڪ لک روپيه وياج تي کنيا هئا جنهن جا 10 لک کان مٿي ڀري چڪو آهيان پر سيٺ جو قرض نٿو لهي اهڙا ته سوين ملازم آهن جن ڏهوڻ تي رقمون ڀريون آهن پر جان نٿي ڇڏي ويتر پڇا ڪرڻ تي ڄاڻايل سيٺ گارگند سميت ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهيو آهي.

بدين جي ڊسٽرڪٽ جيل مان قيدي مبينا غائب، انتظاميا ۾ ٽرٽلو

بدين(رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) ڊسٽرڪٽ جيل بدين مان چوري جي الزام گرفتار قيدي مبينا طور غائب جيل انتظاميا ۾ ٽرٽلو تفصيل موجب گولاڙچي سان تعلق رکندڙ چوري جي ڪيس ۾ گرفتار روپچند ڀيل جنهن کي عدالت حڪم تي ڊسٽرڪٽ جيل بدين روانو ڪيو ويو هو جيڪو مبينا طور تي جيل مان غائب ٿي ويو آهي بدين جيل جي سپرنٽينڊنٽ عبد الغفار چانڊيو رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ڪالهه صبح ستين وڳي ڌاري جيل جي قيدين جو ٽوٽل ڪرڻ وقت هڪ قيدي روپچند ڀيل غائب هو جنهن جي ڳولها جاري آهي ٻئي طرف بدين جيل جي هڪ ذريعي ٻڌايو آهي ته جيل قيدي کي هٿ ولي ڀڄايو ويو آهي ته ٻئي طرف جيل جي هڪ ذريعو ٻڌايو آهي ته جيل جي اندر ٽي نمبر برج وٽ جيل جي ديوار تي هڪ وڏو ڪاٽ رکيو ويو آهي جنهن مان اهو تاثر ڏنو پيو وڃي ته قيدي هٿ ولي ڀڄايو ويو آهي جڏهن ته قيدي روپچند کي سومر واري ڏينهن شام جو جيل آندو ويو ۽ اڱاري ڏينهن صبح جو جيل جي قيدين جو ٽوٽل ڪرڻ وقت هو جيل مان غائب ڪئين ٿي ويو جيل جي هڪ سپاهي ٻڌايو ته جيل مان ديوار ٽپڻ ڪانسواءِ ڪوبه قيدي فرار نٿو ٿي سگهي ڇاڪاڻ ته جيل کي وڏي چار ديواري آهي ۽ وڏو گيٽ آهي جتي 24 ڪلاڪ سپاهي ڊيوٽي تي هوندا آهن جتان قيدي ٻاهر جيل اسٽاف جي مرضي کانسواءِ نٿو نڪري سگهي جيل جي ذريعي ٻڌايو آهي ته جيل جي اندر ۽ ٻاهر جيل جي احاطي کان علاوا اسٽاف جي رهائشي ڪالوني جي ليڊيز پوليس جي نگراني ۾ سمورن ڪوارٽرن جي ۽ جيل جي اندر ۽ ٻاهرين گٽرن جي پڻ تلاشي پڻ ورتي وئي آهي پر ڪٿان به قيدي روپچند هٿ نه آيو آهي جيل جي اسٽاف ۾ اهي به چو ٻول آهن ته قيدي روپچند ڀيل ۾ تشدد دوران فوت ٿي ويو آهي جنهن جو لاش لڪائي لڳايو ويو آهي ۽ هاڻ جيل مان ڀڄي وڃڻ جو ڊرامو ڪيو پيو وڃي جيل جي ذريعي موجب ته جيڪو به قيدي جيل ۾ ايندو آهي ان تي تشدد ۽ سختي ڪئي ويندي آهي ۽ ان کي مجبور ڪيو ويندو آهي ته هو پيسا ڏي ان ڪري رامچند هڪ ڪمزور ماڻهو هو شڪ ظاهر ڪيو پيو وڃي ته هو تشدد ۽ سختي برداشت نه ڪري سگهيو آهي ٻئي طرف جيل سپرنٽينڊنٽ عبدالغفار چانڊيو سان رابطو ڪرڻ تي انتهائي پريشاني واري حالت ۾ هن ٻڌايو ته قيدي روپچند جيل ۾ ئي آهي ڪٿي لڪي ويو جنهن جي ڳولها هلي پئي

شهدادڪوٽ ۾ جي ڊي اي جي سڏ تي اليڪشن ۾ ڌانڌلي خلاف احتجاج ڪيو ويو

شهدادڪوٽ (رپورٽر) جي ڊي اي جي سڏ تي تازي ٿيل اليڪشن خلاف نامنظور بوگس اليڪشن ريلي ڏرٿو. جي ڊي اي ۾ شامل مختلف سياسي. مذهبي جماعتن ايس يو پي. ايس ٽي پي. عوامي تحريڪ. جي يو آءِ. جماعت اسلامي ۽ ٻين سياسي جماعتن جي ڪارڪنن مجاهد اعوان. آصف مگسي. الله داد خشڪ. امداد سومرو. امداد لوهر. مولانا محمد جان عابد. امتياز شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو ته تازي اليڪشن بوگس آهن جيڪا اسان کي منظور نه آهي هنن چيو ته اليڪشن جي نالي تي عام شهرين سان ويساهگهاتي ڪئي وئي آهي جي ڊي اي جي اميدوارن کان مينڊيٽ کسيو ويو آهي.

آهي ۽ اليڪشن ڪميشن سميت ٻين ادارن ۾ موجود ڪرپٽ ردن سان گڏجي پوري اليڪشن مينيج ۽ هائيجيڪ ڪري پولنگ تي ڌانڌلين ڪيون ڪٿي فارم 45 ڪر ڪيا ويا ته ڪٿي اڳوات ٺپا هڻي ڏٻا ڀريا ويا ڪٿي پولنگون ساڙي عوام جي مينڊيٽ تي ڌاڙو هنيو ويو جنهن کي مڪمل طور تي رد ڪيون ٿا. اڳواڻن چيو ته پير صاحب پاڳارو سنڌ جي عوام کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ لکين ماڻهن کي گڏ ڪري تبديلي جي شروعات ڪري چڪو آهي جلدئي بوگس اليڪشن جي نتيجي ۾ جڙندڙ ڪٺ پتلي سرڪار جو انت ايندو ۽ عوام سڳ جو ساٿ ڪندي ريلي ۾ خليفو نظار راڄڙ. فقير ارشاد ڪنير. شاهد نون - محمد حنيف بجير.علي نواز مهراڻ بوٽو. پير صاحب پاڳارو جي حرن ارباب گروپ جي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 01 سنڌيار

تحريڪ پاران) طور احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو احتجاجي ريلي جي اڳواڻي خليفو فقير سلطان راڄڙ - وڪيل قربان علي سميجو، مير محمد بليدي - عزيزالله ساند - وڪيل شاهنواز هنگورو ۽ ٻين ڪئي ريلي ڪشمير چوڪ کان ٿيندي ٿي پريس ڪلب تي پهتي جتي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته فراڊ اليڪشن کي رد ڪيون ٿا هن ڌانڌلي زده ۽ بوگس اليڪشن کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين ب پ ۽ نون ليگ جي صورت ۾ چاهيون ٿا ڪي جي ٽولي جي بابت ڪروڙ عوام تي فراڊ ۽ ٺڳي ذريعي مسلط ڪري عوام کان بنيادي حق کسيو ويو آهي پي ڊي ايم جي گذريل حڪومت ڏيڍ سال ۾ ڪاتي ٽوڙ مهانگائي ڪري مسڪين کان جيئڻ جو حق کسيو جنهن تي عوام سراپا احتجاج هو ته مٿان وري فراڊ ۽ ڌانڌلين ۽ انتظاميا زوريءَ ڪريٽ زرداري ليگ ۽ نوازليگ وارن کي قوم تي ٻيهر مسلط ڪيو ويو جن قوم جي لٽيل دولت مان ڌانڌلين فراڊ ۽ ووٽن جي خريداري ڪان وڌڻ آر- او ڊي آر او کي خريد ڪري جعلي رزلٽن ذريعي هيراڦيري ڪئي

بقايا 02 سنڌيار

شاگرد نقصان کان بچي ويا جنهن سان ٻارن ۾ خوف هراس پکڙجي ويو ڇاپڙ ڪرڻ روزاڻو معمول بڻجي ويو سوين

دادو جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ شهري ايڪشن ڪاميٽي پاران گڏجاڻي ٿي گذري

دادو(رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) دادو شهر جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ شهري ويلفيئر ايڪشن ڪاميٽي دادو جي آفيس ڪامريڊ عبدالجبار ڀبر جي صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي گذري، جنهن ۾ وربام سنڌي، ڪامريڊ شيراز لغاري، ذوالفقار علي پنهور، ڪاشف علي چانڊيو، غلام مصطفي پنهور، محبوب علي لاشاري، محمد هاشم لاڪو، فياض علي ڀبر شير خان ميمڻ شرڪت ڪئي اڳواڻن پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چيو ته دادو جي شهرين کي بنيادي سهولتون ميسر نه آهن. جنهن ڪري شهري تڪليفن ۽ پريشانين مان گذري رهيا آهي ڪامريڊ عبدالجبار ڀبر چيو ته دادو ۾ سرڪاري اسپتال ۾ غريب مريض اچن ٿا پر انهن کي ڪوبه لاڀ حاصل ناهي، اڪثر ڪري مريضن کي ليٽر ڏئي ٻين ضلعن جي اسپتالن ڏانهن موڪليو وڃي ٿو. ڊاڪٽر گم آهن. انهن جي گولا ڪرائي پنهنجي فرض نڀائڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو وڃي، غريبن کي مڪمل دوائون ۽ فائدو ڏيارڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي وڃي. اڳواڻن گهر ڪئي ته اسپتال جو انتظام بهتر ڪيو وڃي، هر بهتر عمل جي ساراهه ڪئي ويندي ۽ غلط عمل جي ننديا ڪئي ويندي اڳواڻن چيو ته دادو شهر جون اسٽريٽ لائيٽون باريون وڃن. شهر ۾ واٽر سپلائي پهچايو وڃي. ڪاڏي بيٽي جي شين جي اگهن جون لسٽ جاري ڪري .روڊ اڳ ولندڙن تي ڏنڊ وڌو وڃي. هوٽلن تي ڪيميڪل واري کير جي جانچ جي واهپي تي پابندي وڌي وڃي امن امان کي يقيني بڻايو وڃي ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته نشي آور شين تي پابندي لاڳو ڪئي وڃي.

دادو ۾ سيتا سماجي تنظيم پاران ريل گاڏين هلائڻ لاءِ احتجاج ٿي گذريو

دادو(رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) دادو جي تاريخي ۽ قديم شهر سيتا جي سماجي تنظيم سيتا سرجهڻهار فورم جي جدوجهد کي هڪ سال 35 ڏينهن مڪمل مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ هڪ سال کان هلندڙ جدوجهد ۾ 2 مسافر ريل گاڏيون موهن جو دڙو ايڪسپريس ۽ بولان ميل بحال ٿيڻ بعد باقي رهيل ريل گاڏين جي بحالي لاءِ فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ ۽ ٻين سيتا روڊ ريلوي اسٽيشن تي ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو

دادو ۾ ايس ايس پي جي صدارت هيٺ ڏوهن تي ضابطي لاءِ گڏجاڻي ٿي گذري

دادو(رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) ايس ايس پي دادو جي ڪانفرنس هال ۾ ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار جي صدارت هيٺ ڏوهن تي ضابطي لاءِ گڏجاڻي ٿي گڏجاڻي ۾ ايس ڊي پي اوز ۽ ايس ايڇ اوز ۽ ٻين پوليس عملدارن شرڪت ڪئي ملاقات ۾ ڊي ايس پي. آر آءِ پوليس لائن ۽ آفيس جي مختلف برانچن جي سربراهن پڻ شرڪت ڪئي ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار سمورن ٿاڻن جي ڏوهن ۽ پوليس جي ڪارڪردگي جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ ان سلسلي ۾ آفيسرن کي جيو ايس ايس پي سمورن ايس ايڇ اوز کي ڏوهارين خلاف سخت ڪاروائي ڪرڻ ۽ پنهنجي ڪارڪردگي بهتر ڪن ۽ زور ڀريو ته وڌ ۾ وڌ چوري ۽ ڦر ٿيل سامان جي واپسي ڪرائين ۽ ملوث گروهن جي گرفتاري کي يقيني بڻايو وڃي ضلعي ۾ امن امان جي بحالي ۽ ڏوهن جي خاتمي لاءِ ايس ايس پي سمورن ايس ايڇ اوز کي سخت هدايتون ڏيندي وڌيڪ چيو ته امن امان برقرار رکڻ پوليس جي اولين ترجيح آهي جيڪڏهن پوليس اسٽيشن جي حد ۾ ڪو به ڏوهه ٿئي ٿو ته ان جو ذميوار پوليس اسٽيشن جو ايس ايڇ او هوندو حضرت قلندر لعل شهباز جي عرس جي موقعي تي ايس ايس پي دادو ضلعي مان زائرين جي اچڻ وڃڻ کي نظر ۾ رکندي سمورن ايس ايڇ اوز کي هاءِ ويز تي سيڪيورٽي الرٽ رکڻ جون خاص هدايتون ڪيون.

دادو ۾ ليگ ايڊ سوسائٽي جي وفد جي ايس ايس پي سان ملاقات

دادو(رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ ليگل ايڊ سوسائٽي جي وفد ايس ايس پي دادو سان ملاقات، ڪئي ملاقات ۾ ليگل ايڊ سوسائٽي جي ڊسٽرڪٽ فيلڊ آفيسرز عبدالغفار جوکيو اي ڊي آر، فيلڊ آفيسر قمر عباس پي پي آر ايف ۽ آءِ او ايم پراجيڪٽ جو فيلڊ آفيسر زاهد علي چانڊيو شامل هئا. ملاقات ۾ ليگل ايڊ سوسائٽي جا ضلع دادو ۾ هلندڙ پراجيڪٽس جنهن ۾ اي ڊي آر، مذهبي اقليتن جا حقوق، سيف گارڊنگ ۽ سول ڊاڪيومينٽيشن ۽ دادو ضلعي اندر مذهبي آزادي کي فروغ ڏيڻ ۽ ان جو تحفظ ڪرڻ جي باري ۾ ايس ايس پي کي تفصيل ٻڌائي ۽ ان جي متعلق ريفرل طريقي بابت ڳالهه ٻول ٿي، ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار ليگل ايڊ سوسائٽي جي ڪم کي ساراهيو ۽ ضلع دادو جي ليگل ايڊ سوسائٽي سان ڀرپور تعاون جو يقين ڏياريو وفد ضلعي جي اندر ٻارن ۽ عورتن جي تحفظ ۽ ان جي طريقيڪار تي ڳالهه ٻول ڪئي جنهن تي ايس ايس پي دادو گڏجي ڪم ڪرڻ ۽ ڀرپور تعاون جو يقين ڏياريو

نوشهرو فيروز ۾ شراب جو ڪاروبار عروج تي پهتل

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) نوشهروفيروز ۾ شراب جو ڪاروبار عروج تي پهتل نوشهروفيروز شهر ۾ شراب جي هڪ دڪان ڪانپو هڪ ٻيو ٽئون دڪان کلڻ جون خبرون پڻ گردش ڪري رهيون آهن. تڏهن ته روزاڻا جي بنياد تي شراب جون ترڪون لهڻ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هن شهر ۾ شراب جو واهپو ڪيتري حد تائين وڌي چڪو آهي. اسلام ۾ حرام قرار ڏنل شراب جي ڪاروبار مان حصو پتي وٺندڙ خاموشي اختيار ڪري ايندڙ نسل جي تباهيءَ جا ڀاڱي ڀائيوار هجڻ سان گڏ پنهنجي ٻچن کي پڻ حرام جو لقمو کارائي رهيا آهن منشيات تي ڪنٽرول ڪرڻ وارا ادارا هن ڪندي ڪاروبار کي بند ڪرائڻ بجاءِ حرام جي چند ٽڪن عيوض هن ڪاروبار جي واڌاري ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن هن وقت هن ڪاروبار کي روڪڻ لاءِ سڄاڻ ۽ سنجيده شهرين کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ٽنڊو محمد خان بجلي سامان جي دڪان باهه، سامان سڙي رک

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: ايم علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي اسٽيشن روڊ تي بجلي جي سامان جي دڪان کي باهه ، لکين روپين جو سامان سڙي رک ، فائر برگيڊ جي گاڏي پهچي نه سگهي ، خبر موجب ٽنڊو محمد خان شهر جي اسٽيشن روڊ تي واپاري پرويز ميمڻ جي بجلي جي سامان واري دڪان کي اوچتو نامعلوم سبب باهه وڪوڙي ورتو جنهن ۾ دڪان جي اندر پيل لکين روپين جي ماليت جو سامان سڙي رک ٿي ويو ، ميونسپل ڪميٽي جي فائر برگيڊ کي اطلاع ڪرڻ باوجود فائر برگيڊ جي گاڏي پهچي نه سگهي ، علائقي جي رهواسين پنهنجي مدد پاڻ تحت پنهنجي گهرن مان پاڻي ڀري باهه کي وسائڻ جي ڪوشش ڪئي ، ٽن ڪلاڪن جي دوران باهه تي قابو پائي وڌيڪ دڪانن کي باهه کان بچائي ورتو ، ٽن ڪلاڪن جي بعد بدين ضلعي جي ماتلي شهر مان فائر برگيڊ گاڏي پهچائي وئي جنهن کان اڳ باهه وسامجي چڪي هئي ، واپارين اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ٽنڊو محمد خان جي ميونسپل ڪميٽي جي لکين روپين جي بجيت هجڻ ڪري فائر برگيڊ جي گاڏي جو بندوبست ڪيو وڃي ، ميونسپل جي فائر برگيڊ گاڏي اڪثر خرابي جي ڪري پهچي نه سگهندي آهي.

جيستائين ڌانڌلي جي صاف ۽ شفاف جاچ ڪرائي اقتدار حقيقي چونڊيل نمائندن جي حوالي نٿو ڪيو وڃي، تيستائين سندن احتجاج جاري رهندو.

بقايا 07 سنڌيار

ڏينهن ملهايو اڳواڻن چيو ته سنڌ سميت پوري ملڪ ۾ اليڪشن نه پر سليڪشن ٿي آهي، سنڌ جي چونڊن کي 12 کرب روپين عيوض وڪرو ڪيو ويو آهي جي ڊي اي اڳواڻ عاشق زئنٽو چيو ته دادو ضلعي اندر بدترين ڌانڌلي ڪري جي ڊي اي جي اميدوارن جي هارائي نتيجا تبديل ڪيا ويا آهن. اڳواڻن اسد ملاح ارسلان پنهور،محبوب لنڊ چيو ته سنڌ سميت دادو ۾ جي ڊي اي جا ڪارڪن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کنڌن ۽ جهنڊا کڻي ٿي ڪاريون پٽيون ٻڌي ڇڪيون عام چونڊن ۾ ٿيل سليڪشن خلاف سخت احتجاج ڪري رهيا آهن اڳواڻن چيو ته ملڪ اندر ٻيهر چونڊون ڪرايون وڃن هن اليڪشن سليڪشن کي ملڪ جو عوام نه ٿو مڃي

بقايا 08 سنڌيار

ڪلب نوشهروفيروز آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ ڌانڌلين ۽ مئنڊيٽ چورائڻ خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي، اڳواڻن مولانا عبدالرحمان ڏنگراچ. فقير غلام جان ڏاهري، ارشاد ساند، مولانا رمضان خاصخيلي، خادم

شاگردن جو ساهه مٺ ۾ آهي ڪنهن به وقت وڏو جاني نقصان ٿي سگهي ٿو پر هن طرف تعليم کاتي جي زميوار عملدارن توڻي چونڊيل نمائندن ڪنهن به قسم جو ڌيان ناهي ڏنو جڏهن ته قديمي گوٺ جهنگ ڪاتيار هاءِ اسڪول جي ڪير به سار سنڀال لهڻ لاءِ تيار ناهي جڏهن ته اسڪول اينڊ شاگردن جون زندگيون خطري ۾ آهن هن سلسلي ۾ ڳوٺاڻن جوجون اڳواڻن ۽ پرائمري اسڪول سيڪشن تمام زبون حالي آهي ته ڪنهن به وقت ڪري سگهي ٿو اسڪول جي ڇت مان ڇاپڙ روز ڪرن ٿا شاگردن جون زندگيون خطري ۾ آهن هن سنڌ حڪومت سميت تعليم جي وزير ۽ چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو آهي ته اسڪول جي فوري مرمت ڪرائي سوين شاگردن جون زندگيون بچايون وڃن ٻي پاسي هاءِ اسڪول جهنگ ڪاتيار جي هيڊ ماستر سينئر استاد شفقت علي خواجا انيس احمد صبحپوٽو غلام مصطفيٰ ڪاتيار ۽ ٻين صحافين کي ٻڌايو آهي ته واقعي اسڪول جي حالت تمام خراب آهي اسڪول زبون ٿي چڪو آهي اسڪول جي ڇت تمام ڪمزور ٿي چڪي آهي ڪنهن به وقت وڏو نقصان ٿي سگهي ٿو هن ڪان پهرين اسڪول جي مرمت ڪرائي وڃي جيئن ٻارن جانيون محفوظ رهي سگهن.

بقايا 03 سنڌيار

اندر ويهي نا رهن ۽ جڏهن ڊي پي سي لاءِ انجنيئر کي چئون ٿا ته هو اسان کان رشوت گهرن ٿا اسان غريب ٻوڏ ستيل آهيون اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ تعلقو ڪي اين شاهه جي وڏي آبادي آهي گهر سروي وارا انجنيئر وڌايا وڃن جيئن مسئلو حل ٿي سگهي، ٻئي پاسي ٿربيٽ انچارج جي ڳالهين بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو ۽ ٿربيٽ انچارج زبير جت يقين ڏياريو ته جيڪي رشوت خور انجنيئر آهن انهن کي ڪڍي ڇڏينداسين متاثرن کان ڪوبه رشوت گهري ان کي فارغ ڪيو ويندو ۽ اسان پنهنجو ڪم ايمانداري سان ڪيون ٿا

بقايا 04 سنڌيار

سکر جي مختلف ٿاڻن جي پوليس سماجي برائين ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪندي مختلف ڪاررواين دوران 07 جوابدارن کي گرفتار ڪري سندن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن سائيٽ ايريا ٿاڻي جي پوليس حد ۾ ڪامياب ڪارروايون دوران 04 منشيات فروش جن ۾ اسد علي، عبدالغفار، شاڪر ۽ اصغر شامل آهن، گرفتار گرفتار جوابدارن جي قبضي مان 3ليٽر ڪچو شراب هٿ ڪيو ويو اهڙي طرح ايس ايڇ او ٿاڻي ٿئون پنڊ ٿاڻو حد ۾ ڪامياب ڪارروائي دوران 01 اشتهاري جوابدار وجاهت کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار پوليس کي ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل هو جڏهن ته ايس ايڇ او ٿاڻي رهڙي ناڪابندي دوران هڪ مفرور جوابدار تڪيل شاهه کي گرفتار ڪيو آهي جڏهن ته ائرپورٽ ٿاڻي جي پوليس ڳجهي اطلاع تي حدجي ٿاڻي ۾ ڪامياب ڪاررواين ڪندي مفرور جوابدار گلشير جمالي کي گرفتار ڪري ورتو آهي گرفتار جوابدار گلشير جمالي پوليس کي ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل هو ايس ايس پي سکر پوليس ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز کي سماجي برائين خلاف آپريشن وڌيڪ تيز ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا آهن.

بقايا 05 سنڌيار

گرفتارين خلاف جي ڊي اي جي مرڪزي سڏ تي سڄي سنڌ جيان مورو ۾ ب ڪارو ڏينهن ملهايو ويو سلسلي ۾ جي ڊي اي جي مختلف تنظيمن گڏيل طور تي ڪاريون پٽيون ٻڌي مورو بائي پاس کان مورو پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڪارو ڏهاڙو ملهايو جنهن جي اڳواڻي مرڪزي اڳواڻ قومي عوامي تحريڪ خان محمد سومرو، غلام نبي لاکو ايس يو پي ڊويزنل صدر اسلم ڪوريجو محمد ياسين سومرو، اين پي پي اڳواڻ محمد ياسين ولو، راڄا جي اير ڪوراني، جي يو آءِ تعلقي جنرل سيڪريٽري عبدالمالڪ ابڙو، عبدالرشيد بروهي، فنڪشنل مسلم ليگ جي محمد اسلم حب، نظر محمد، ۽ ٻيا ڪري رهيا هيا. احتجاجي ريلي مورو بائي پاس کان ٿيندي شهر جي مختلف روڊن رستن کان ٿيندي مورو پريس ڪلب پهتي جتي اڳواڻن ميڊيا اڳيان خطاب ڪندي چيو ت اندر ٿيندڙ عام چونڊن ۾ سنڌ جي مينڊيٽ تي ب پ وڏي سرڪار ملي ڪري ڌاڙو هڻي عوام کان ووٽ جو حق کسي ورتو آهي ۽ هاريلن کي کٽرائي بنگلاديش وارو حشر سنڌ سان ڪيو ويو آهي جڏهن ت ڪراچي اندر پر امن احتجاج دوران ونگارو وارو پوليس کي ٽاسڪ ڏيئي جي ڊي اي جي ڪارڪن ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي ڀينرن تي تشدد ڪري مٿن لاٺي چارج ڪئي وئي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا ته ٽيليون مٿان پوليس گردي ڪري سنڌ جي روايتن جي لتاڙ ڪئي وئي آهي هنن مطالبو ڪندي چيو آهي ته چوراٽيل مينڊيٽ واپس ڪيو وڃي جيستائين عوام جو چوراٽيل مينڊيٽ واپس ن ڪيو ويندو تيستائين اسان جي تحريڪ جاري رهندي.

بقايا 06 سنڌيار

ڌانڌلين ۽ ڌانڌلين خلاف جي ڊي اي جي-پي ٽي آئي- جماعت اسلامي ۽ جي يو آئي جي ڪارڪنن خاص طور تي سنڌياڻي تحريڪ جي عورت ڪارڪنن تي ٿيندڙ وحشياڻي تشدد خلاف جي ڊي اي، پاڪستان تحريڪ انصاف. جماعت اسلامي، جي يو آءِ پاران نگر پبلڪ پريس ڪلب ٺٽو کان پريس ڪلب ٺٽو تائين هڪ گڏيل احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ پي ٽي آئي ضلعي ٺٽي جي صدر سيد احمد شاهه - جماعت اسلامي ٺٽي جي اڳواڻ عبدالمجيد سمون سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي اڳواڻ عمران خشڪ، مسلم ليگ فنڪشنل جي اڳواڻ شاهنواز بروهي ۽ قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ سنڌي ياسر جاکرو خطاب ڪندي چيو ته 8 فيبروري تي ملڪ سميت سنڌ ٿيندڙ عام چونڊن ۾ ڌانڌلي جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي اليڪشن ۾ وڏي بيماني تي هارائيندڙ پارٽين مسلم ليگ (ن) ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي کي ڌانڌلي ذريعي ڪامياب بڻائي ڪين ملڪ جي عوام جي مينڊيٽ توهين ويو جنهن جي اڳواڻن اسان اليڪشن جي نتيجن کي تسليم نٿا ڪريون ۽

سيال، مهر وسطو، اڪبر علي پيرزادو، اڪبر راڄپر ۽ ٻين پنهنجي خطاب ۾ چيو ته عوام جي ووٽ تي ڌاڙو هڻي نتيجا تبديل ڪيا ويا آهن پوري سنڌ ۽ ملڪ ۾ اڄا نتيجا تبديل ٿيا ليڻ هڪ جو مئنڊيٽ ٻي پارٽي ۽ ٻي پارٽي جو ٽئين پارٽي کي ڏيڻي اليڪشن کي مشڪري بڻايو ويو جيڪڏهن ايئن ئي ڪرڻي هئي ته پوءِ اربين روپيا ڇو خرچ ڪيا ويا. هنن چيو ته ڪراچي جي پرامن احتجاج ۾ عورتن تي تشدد ۽ راشد محمود سومرو کي زخمي ڪري جمهوريت جو آواز بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جيڪو حربو ناڪام ڪيوسين ۽ جعلي مئنڊيٽ خلاف احتجاجي سلسلو جاري رهندو ۽ حڪومتي غنڊه گردي کي برداشت نه ڪيو ويندو.

بقايا 09 سنڌيار

پوڻ سبب موسم خوشگوار ٿي وئي برسات پوڻ سبب ٿڌ ۾ اضافو ٿي ويو آهي ۽ برسات سبب ڪڻڪ جي فصل کي ڪاپاري ڌڪ رسيو آهي جنهن سبب آبادگار سخت پريشان آهن غوث پور جي آس پاس واري علائقن ۾ ڪٿي هلڪي ته ڪٿي تيز برسات گذريل ڏينهن کان مسلسل جاري آهي برسات پوڻ سبب بجلي جو نظام درهم برهم ٿي ويو ۽ عوام مشڪلاتن جو شڪار ٿي وئي آهي برسات پوڻ سبب ٿڌ ۾ اضافو ٿيڻ ڪري عوام گهرن تائين محدود ٿي ويا آهن

بقايا 10 سنڌيار

براين جي ور چڙهي ويو بچل شاهه مياڻي ۾ قائم ايئرپورٽ ٿاڻي جو ايس ايڇ او منتقلي عيوض خاموش تماشائي بڻيل بچل شاهه مياڻي گل لبالو ٽائون شپ رائو شاڪر ۾ هر گلي گهٽي ۾ منشيات چرس آئس ٽوڙي آڪڙا پرچي جا چوڪن چوراهن تي سري عام دڪان کليل هي آڪڙا پرچي دڪان واري کان 8 کان ڏهه هزار هفتو مقرر جڏهن ته چرس ۽ آفيم ۽ آئس وارن کان ڏهه کان 12 هزار هفتو منتقلي مقرر هڪ ئي هفتي ۾ ايس ايڇ او کي لک کان مٿي منتقلي ملي ٿي جنهن ڪري حدجو ايس ايڇ او خاموش تماشائي بڻيل ايئرپورٽ ٿاڻي جي مقرر ايس ايڇ او تي ملڪ تي به ڏمريل ڪوئي خاطر خواهه جواب نه ڏئي سگهيو آڳ ڪوئي صحافي ايس ايڇ او صاحب کان موقف وٺڻ وڃي ته ٿو ته الٽو صحافين کي حراسمينٽ ڪرڻ لڳو صحافين کي ڪوڙن ڪيسن ۽ منشيات فروشن کان ڌمڪيون پڻ ڏيارڻ لڳو جنهن ڪري شريف شهرين جو ساهه پڻ مٺ ۾ اچي ويو سماجي براين ڦهلائيندڙن جي منتقلي عيوض حد ايئرپورٽ جو ايس ايڇ او ڪک پتي مان لک پتي بڻجي ويو سياسي ۽ سماجي اڳواڻن توڙي شهرين جو ايس ايس پي سکر زبير نظير شيخ ڊي آءِ جي سکر آئي جي سنڌ ۽ اعلي اختيارن کان ٽکرو نوٽيس وٺي سماجي براين ڦهلائيندڙ ۽ ايس ايڇ او خلاف ڪاروائي ڪري ايماندار ايس ايڇ او مقرر ڪيو وڃي شهرين جو مطالبو

بقايا 11 سنڌيار

ٿيڻ تي مبارڪباد ڏنيون آهن پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ سروري تنظيم ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيدالزمان "عاطف" چيو آهي ته پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو هڪ دفعو ٻيهر سيد مراد علي شاهه تي اعتماد جو اظهار ڪندي هن کي وڏي جي منصب لاءِ چونڊيو آهي. هن چيو ته گذريل حڪومت دوران سيد مراد علي شاهه وڏي وزير طور عوامي جي خدمت ڪري پيپلز پارٽي جو عوام ۾ اعتماد حاصل ڪيو جنهن جو نتيجو اهو آهي ته هن ڀيرين کان وڌيڪ سيٽون حاصل ڪري پيپلزپارٽيءَ کي سنڌ جي ڀيرين نمبر جي پارٽي ثابت ڪيو آهي. مخدوم سعيد الزمان "عاطف" وڌيڪ چيو ته سيد مراد علي شاهه 2002 ع وارين چونڊن ۾ سنڌ اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو هو ۽ 2008 ع وارين چونڊن ۾ ٻيو ڀيرو ايم. پي. اي چونڊجڻ بعد نالي، روينيو ۽ آبپاشي کاتن کي بهترين وزير طور هلايو. مخدوم سعيدالزمان "عاطف" چيو ته سيد مراد علي شاهه 29 جولاءِ 2016ع کان سال 2024ع تائين سنڌ جو وزيراعليٰ رهڻ تي مبارڪباد ڏيان ٿو. اميد آهي ته اڳئين جيان هاڻي به وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ جي خدمت جاري رکندو ۽ سنڌ جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو رهندو.

بقايا 12 سنڌيار

محمد صادق سومرو پاران ياد گل زمان سومرو کي مبينا گم ڪندڙ ڪراچي واسي قاري ممتاز خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو جن مبينا اڳيان ٻڌائيندي چيو ته اسان جو پاڙ پهرين فيبروري تي ڪراچي واسي قاري ممتاز سان گڏ ويل هيو جنهن سان 15 فيبروري کان پوءِ رابطو نٿو ٿئي پاڙ کي قاري ممتاز وارن گم ڪري ڇڏيو آهي جنهن 10 ڏينهن کان پتو نه پيو پئي هنن چيو ته پاڙ گل زمان هڪ ڪروڙ 60 لک روپيا ۽ ٻه فائل کڻي ويو هو ويو اسٽيٽ ايجنسي جو ڪم ڪندو آهي جڏهن ته قاري ممتاز ماڻهو 25 فيبروري تي ڪاري ڪلرجي گاڏي ۾ سوار ٿي اسان جي ڳوٺ آيا جن اسان جي ٻئي پاڙ نه زاهد جي پڇا ڪئي ۽ ڌمڪيون ڏيندا ويا ته جيئن گل زمان کي گم ڪيو آهي تيئن زاهد کي به گم ڪنداسين هنن آءِجي سنڌ سميت ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته ٻار کي بازيات ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 13 سنڌيار

احتجاج ڪري ڪارو ڏينهن ملهايو ويو. مظاهرين مختلف پارٽين پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته عام چونڊن ۾ ڌانڌلي ڪئي وئي، جنهن کي اسين رد ڪريون ٿا. اهڙي اليڪشن ۾ ملڪ ۾ بحران پيدا ٿيندو جنهن جي ذميوار موجوده حڪومت ۽ اليڪشن ڪميشن هوندي. مظاهرين مطالبو ڪيو ته سپريم ڪورٽ آف پاڪستان هن اليڪشن کي رد ڪري ملڪ ۾ ٻيهر چونڊون ڪرايون وڃن

بقايا 14 سنڌيار

ٻڌايو ته عزيزالله سان رشيداري ٿيل آهي ان جو پٽ اعظم سان منهنجي ڌي سان شادي ٿيل آهي جڏهن منهنجي ڌي کي پنهنجو سهرو مؤس اعجاز رياض ڪانڊيرو ۽ وحيد سرڳائين بالجوازان مٿان مسلسل تشدد ڪندا رهندا آهن اسان جي منع ڪرڻ تان هٿيارن زور تي اسان جي مٿان به تشدد ڪندا آهن اڄ روي منهنجي ڌي تي تشدد ڪري گر ڪري ڇڏيو آهي جنهن کي هڪ نياڻي جو اولاد آهي جڏهن اسان نوشهرو فيروز ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي آهي پر افسوس سان ٿوچوٺو پوئي ته پوليس ڪک پجي پيٺو ناهي ڪيو غريب هجڻ جي ڪري ڪير پڌڻ لاءِ تيار ناهي هر پئسي وارا آهن اسان جو مطالبو آهي آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد سيشن جج ايس ايس پي نوشهرو فيروز کان اپيل آهي ته ڪو نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ نياڻي کي ظاهر ڪيو اسان جي نياڻي کي ڪجهه به ٿيو ته ان جا ذميوار مٿيان ماڻهو هوندا

بقايا 15 سنڌيار

واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان جوڻو هو ته نيشنل بئنڪ اسٽيڊيم ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا سمورا انتظام مڪمل ڪري اسٽيڊيم جي آس پاس پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون سموريون شڪايتن جو مڪمل خاتمو ڪيو ويو آهي. هن چيو پي ايس ايل دوران نيشنل بئنڪ اسٽيڊيم ۾ مفت واٽر ٽينڪرز فراهم ڪيا ويندا جڏهن ته انچارج هائيڊرنٽس واٽر ڪارپوريشن سيل الاهي بخش ڀٽو سمورن انتظامن جي نگراني ڪندو ۽ فوڪل پرسن برائي هائيڊرنٽس سيل شهباز بشير سمورن انتظامن جو ذاتي طور تي جائزو وٺندي اسٽيڊيم ۾ موجود رهندو هن چيو ته پي ايس ايل جي ميچز دوران واٽر ڪارپوريشن جون ٽيڪنيڪل ٽيمون ۽ سڪشن مشينون موجود رهنديون جڏهن ته ڪنهن به شڪايت يا هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ واٽر ڪارپوريشن جو عملو اسٽيڊيم ۾ موجود رهندو هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته نيشنل بئنڪ اسٽيڊيم ۾ پي ايس ايل جو انعقاد انٽرنيشنل ڪرڪيٽ لاءِ هڪ سٺو پيغام آهي ۽ ان ڏس ۾ واٽر ڪارپوريشن پي سي بي سميت ٻين لاڳاپيل ادارن سان گڏجي پي ايس ايل جي ڪاميابي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو.

بقايا 16 سنڌيار

موجب غلام الله شهر جي رهواسي غلام قادر ڪنڀار پريس ڪلب غلام الله ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته غلام الله جي ديهه تاهيڪي ۾ سنڌس 6 ايڪڙ سروي زمين آهي جنهن ۾ ڪڻڪ جو فصل تيار بيٺل آهي جنهن تي ڪوڙن ڪاغذن ذريعي منهنجي سروي زمين تي پ پ جي اڳواڻ ستار لاڪائي ملاح ۽ يوسي غلام الله جي وائيس چيئرمين خيرو ماڇي ۾ ملاح قبضو ڪري پنهنجا هٿيار بند بيهاري ڇڏيا آهن ۽ مون کي جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن مون چيو آهي ته اڄ اٺون پنهنجي زمين تي ويس ته زمين تي ويٺل هٿيار بندن مون کي جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ۽ چيو ته هتان هليو وڃ ته ٺون ٿي ماري ڦٽو ڪري ڇڏينداسين هن وڌيڪ چيو آهي جيڪي مون کي پ پ اڳواڻ مان جان جو خطرو آهي جيڪي ڪنهن به وقت مون کي ڪوبه جاني نقصان پهچائي سگهن ٿا هن چيو ته مون وٽ منهنجي سروي زمين جي ڪاغذ پڻ موجود آهن هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته اٺون سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، سنڌ حڪومت کا جي ايس پي آءِ جي حاجي علي حسن زرداري، ضلعي چيئرمين عبدالحميد پنهور، ڊي سي ٺٽو، آءِ جي سنڌ پوليس، ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ٿو ڪريان ته فورن نوٽيس وٺي لينڊ گريبرن ۽ سندن هٿيار بندن خلاف قانوني ڪارروائي منهنجي سروي زمين تان قبضو ختم ڪرائي مون سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 17 سنڌيار

۽ ٽريفڪ پوليس جي ٽيم سان گڏ ٽريفڪ ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ سٽي بائي پاس سميت ٻين شاهراهن تي مسافر ڪوچ، ويگن، رڪشا ۽ ٻيون گاڏيون جو چالان ڪيو ۽ ڊرائيورن کي هدايت ڪئي ته هو ٽريفڪ ضابطن تي عمل ڪن ۽ قطار ۾ گاڏيون بيهارين ته جيئن مسافرن کي ڏکيائن مشڪلاتن کان بچائي سگهجي. سکر جي ٽرانسپورٽ اٿارٽي سيڪريٽري فياض احمد منگي چيو ته هي آپريشن ڊپٽي ڪمشنر سکر جي هدايتن تي ڪيو ويو آهي ۽ جڏهن گاڏي پارڪنگ ايريا مان نڪرندي ته ان روڊ تي ٽريفڪ ۽ رڪاوٽ وجهندڙ گاڏين خلاف ڊپارٽمينٽل ايڪشن ورتو ويندو ۽ هر ممڪن قدم کنيا ويندا. ٽريفڪ ضابطن تي عمل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

بقايا 18 سنڌيار

مددگار ڪرم الله وقاصي، پي پي اڳواڻ سيد نجمي عالم، دل محمد، سي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسد الله خان، چيف انجنيئر سيوريج آفتاب چانڊيو چيف انجنيئر واٽر حنيف بلوچ، چيف انجنيئر ڊبليو ٽي ايم ظفر پليجو سميت سمورا سپرنٽينڊنگ انجنيئرز موجود هئا. ان موقعي تي ڊپٽي ميئر ڪراچي واٽر ڪارپوريشن جي سمورن ضلعن جي سپرنٽينڊنگ انجنيئرن کي هدايتون ڏيندي چيو ته شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا مسئلا هنگامي بنيادن تي حل ڪيا وڃن، لائينن جي صفائي، ٽٽل مين هولز جي اڏاوت، سڙيل سيوريج لائينن جي مٽاسٽا ۽ ٻيا مسئلا مڪمل ڪيا وڃن ۽ سمورن ٽائون چيئرمينن ۽ يوسي چيئرمينن سان گڏجي ڪري شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪيون وڃن. هن چيو ته هن ڳالهه شهر جي روز وڌندڙ آبادي کي نظر ۾ رکندي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا مسئلا حل ڪرڻ اسان جي منشور ۾ شامل آهي ان لاءِ شهر جي بهتري لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا ويندا، هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته اسين شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي سميت ٻيا سمورا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سنجيده آهيون جڏهن ته نئين ايڪٽ تحت ڪراچي واٽر ڪارپوريشن کي وڌيڪ بهتر ۽ مضبوط ڪيو ويو آهي جنهن جا مثبت نتيجا اچڻ شروع ٿي ويا آهن.

بقايا 19 سنڌيار

چانڊيو جي اڳواڻي ۾ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو ان موقعي تي پاڪستان تحريڪ انصاف جي آفيس تي ڪارو جهنڊو چاڙهيو ويو ۽ ڪارڪن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي شهر جي مختلف چوڪن کان پيادل مارچ ڪندا پريس ڪلب دادو اڳيان اپ ڏاريندڙ نعرا اليڪشن ۾ ڌانڌلي نامنظور مينڊيٽ چوري جا نعرا هڻندا رهيا،جنهن تي ڳوٺن حيدر سيال ، محمد صالح لغاري ، ظهير چانڊيو ، جعفر ڀبر ، ڪاشف ڀبر خطاب ڪندي چيو ته اليڪشن 2024ع ۾ ڌانڌلي خلاف اڄ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو آهي اسين سمجهون ٿا ته پاڪستان جون طاقتور ڌريون هن چوري ۽ ڌانڌلي جي عمل ۾ ملوث آهن ۽ فاشسٽ حڪمران جيسين نائين عوام جو کسيل مينڊيٽ واپس نه ڪندا تيستائين خان صاحب جي جدوجهد جاري رهندي ان موقعي تي سينيئر نائب صدر سيد عبدالرحمان شاهه ، حاجي نواب لُنڊ ، ذوالفقار ڀبر، امجد ڀبر، جبران ڀبر رياض ڀبر، نصرالله ڀبر اڪبر گوپانگ، شفقت گوپانگ مظفر گوپانگ، جاويد ڀبر ۽ ٻيا ورڪر گڏ هئا.

بقايا 20 سنڌيار

ڪارڪن پريس ڪلب آڏو چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلين ۽ ڪراچي ۾ ڪارڪنن مٿان تشدد خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري پ پ سرڪار خلاف نعريبازي ڪئي احتجاج ڪندڙ جي ڊي اي ڪارڪن رحمت الله مگرير غلام حسين راڄڙ جميل احمد مهر مولا بخش مگريو فرمان علي مگريو ۽ ٻين دانهيندي چيو ته ٿيل عام چونڊن ۾ پيپلزپارٽي رڪارڊ ڌانڌلين ڪري ڪاميابي ماڻي آهي جيڪو عوام جي ووٽ مٿان ڌاڙو آهي احتجاج ڪندڙن چيو ته ڪراچي ۾ سنڌ پوليس پيپلزپارٽي اڳواڻن جي ٺنگار رهندي پرامن احتجاج ڪندڙ ڪارڪنن مٿان تشدد ڪيو ويو آهي جنهن جي مذمت ڪريون ٿا احتجاج ڪندڙن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ سميت ٻين ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته چونڊن ۾ ٿيل ڌانڌلين جي جاچ ڪري حقيقي رزلٽ عوام آڏو آندو وڃي ۽ ڪارڪنن مٿان تشدد ۾ ملوث پوليس آفيسرن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 21 سنڌيار

وفد ايڊووڪيٽ بلال ميمڻ ايڊووڪيٽ علي عاجز لاشاري ايڊووڪيٽ غلام فريد مهر يڪجهتي طور پهچي قانوني سهڪار جي خاطري ڪرائي ان موقعي تي ملازم اڳواڻن محمد يوسف عمراڻي گل محمد وڙاهه پٺيل خاصخيلي محمد خان لاڪو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٽاؤن مانجهند جي انتظاميا پگهارن جي 48 لک روپيا بجيت مبينا ڪرپشن جي ور چاڙهي وئي آهي جنهن سبب ملازم بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن شب برات جي عيد جي خوشين کان پڻ محروم ڪيو ويو آهي چيئرمين ۽ آفيسر سپرنٽينڊنٽ سندن ڪاڳار بڻجي لاءِ تيار ناهي هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور پگهار جاري ڪري بي چيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 22 سنڌيار

ڊاڪٽر نيڪ محمد شيخ سان گڏ شعبن جا استاد ۽ ٻيا فيڪلٽي ميمبر موجود هئا ڊاڪٽر محمد سليمان ميمڻ، ڊاڪٽر سرفراز ملڪ، محمد آصف چنڊ عدنان مگسي، سليم جمالي ۽ ٻيا موجود هئا تقريب جو آغاز ڪلام پاڪ جي تلاوت ۽ نعت بعد قومي ترانو سان ڪئي وئي جنهن بعد دادو ڪيمپس جي پرووائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر نيڪ محمد شيخ مهمان خاص ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين راهوجو کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ تحفو طور پيش ڪيو جڏهن ڊاڪٽر محمد سليمان ميمڻ خصوصي مهمان کي تقريب ۾ اچڻ تي ڀليڪار ڪيو جنهن بعد ڊاڪٽر سرفراز ملڪ شاگردن کان خطاب ڪندي چيو ته ڪاميابي لاءِ پهرين ناڪامي کان گذرڻو پوندو آهي شاگرد محنت ڪري پنهنجا ڪاميابي جا حدف مڪمل ڪري ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪن جڏهن ته دادو ڪيمپس جي پرووائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر نيڪ محمد شيخ تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته دادو ڪيمپس لاءِ منهنجي ڀرپور ڪوشش آهي ته يونيورسٽي جو درجو رکي شاگرد ضروري سوچن ته جنهن مقصد لاءِ بهتر تعليم حاصل ٿئي. دادو ڊي سي ۽ مان هڪ ئي يونيورسٽي ۾ پڙهيا آهيون هن ڪيمپس جي خاص ڳالهه اها آهي ته ڪيمپس روان دوان ڪيمپس آهي هن ڪيمپس لاءِ ڪوشش ڪنڊس ته هي يونيورسٽي ٿئي هتان جي سياسي شخصين جو ڪيمپس لاءِ ڪردار ساراهه جوڳو آهي جن ڪيمپس جو تيار ڪرايو جڏهن ڊي سي شاگردن سان مخاطب ٿيندي چيو ته انسان جي زندگي ۾ وقت جي اهميت سڀ کان وڌيڪ آهي شاگرد جنهن مقصد لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ آيا آهن انهن کي گهرجي ته تعليم پرائي پنهنجي سلو مقصد پورو ڪن. هت بهترين تعليمي شعبا آهن جن جي اهميت اڄ جي دور ۾ اول آهي وقت جو قدر ڪريو ڇاڪاڻ ته گذريو وقت واپس نه ٿو. ڪڏهن ايندو ان موقعي تي مهمان خاص دادو ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين راهوجو تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ڪامياب ٿيڻ لاءِ ڪتابن کي پڙهڻ لازم آهي پر ڪتابن کي پڙهڻ وارا تمام گهٽ آهن اهڙا پروگرام ليڊرا رهن جنهن جو اڄ تاريخ ۾ ڪاميابي سان نالو آهي انهي سخت محنت ڪري پاڻ کي تاريخ ۾ هميش زنده رکيو آهي، ليڪن ڪتاب پڙهڻ وارا گهٽجي ويا آهن اسان سڀني کي گهرجي پنهنجي ٻارن کي تعليم سان نوازيون. ان موقعي تي ڪيمپس جي شاگرداڻين به شرڪت ڪئي.

بقايا 23 سنڌيار

جون زندگيون خطري ۾ پئجي ويون تعليم کاتو خاموش گڏاب ۾ قائم حسين بلوچ گوٺ جي پرائمري اسڪول ۽ مولوي جي علي محمد بلوچ گرلز لوئر سيڪنڊري اسڪول جا ڇاپڙ ڪري پوڻ سبب اسڪول ۾ ويٺل شاگردن ۾ پاڇ پنجي وڌي ٻارن ۾ خوف پکڙجي ويو گڏاب ساريون بلڊنگ تباهه حالي جو شڪار آهن ورڪس ڊپارٽمينٽ کي لکي ڇڏيو آهي جلد زبون حالت جو شڪار بلڊنگ جو ڪم شروع ٿيندو ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر چيو ته حسين بلوچ پرائمري اسڪول جي ٻارن کي ٻئي هنڌ منتقل ڪيون پيا ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ سبب ڪو جاني نقصان ناهي ٿيو

بقايا 24 سنڌيار

جي ڪارڪنن شهر جي مين بس اسٽاپ کان احتجاجي جلوس ڪڍي پيادل مارچ ڪري پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪري ڦليلي روڊ تي ڌرڻو هنيو. احتجاج دوران ايس يو پي جي عمران لغاري ، جمن ملاح ، امتياز ٽوناري ، تحريڪ انصاف جي لالا حسن پيڙاڻ ، سعود فاروقي ، جماعت اسلامي جي پير مسلم جان سرهندي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ملڪ جي تاريخ ۾ جنرل اليڪشن جي اندر رڪارڊ ڌانڌلي ڪئي وئي آهي جنهن سان جمهوريت جو ايڪشري قتل ڪيو ويو آهي ، عوام جي ڏنل ووٽن جي توهين ڪئي وئي آهي ، هن اليڪشن ڪميشن کان چونڊن جي اعليٰ سطح تي جانچ ڪرائي فوري طور نتيجا روڪي ڌانڌلين جو نوٽيس وٺي ٿيل ڌانڌلي وارن نڪن تي ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 25 سنڌيار

(اين ايڇ اي) جنهن جي نتيجي ۾ روڊن تي ريل جي جمع ٿيڻ سان عام ماڻهن جي صحت لاءِ سنگين نتيجا ۽ روڊ حادثا ٿي رهيا آهن شڪايت تي ايڪشن وٺندي ريجنل هيڊ سيد محمود علي شاهه نيشنل هاءِ ويز اٿارٽي، اين ايڇ اي ۽ آبپاشي کاتي سان رابطو ڪيو. جنهن ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر (بحال آبپاشي سکر) اعجاز علي، ڊپٽي ڊائريڪٽر زاهد حسين مغل، ڊپٽي ڊائريڪٽر مڪينيڪل سعيد احمد شيخ، ڊائريڪٽر مينٽيننس سعيد احمد شيخ، ايس ايڇ او سان رابطو ڪيو اين ايڇ اي. سکر ارشاد احمد ميمڻ ڊپٽي ڊائريڪٽر مينٽيننس اين ايڇ اي خليل الرحمان، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر مينٽيننس اين ايڇ اي سکر ۽ عبدالجبار شيخ ڊپٽي ڊائريڪٽر مينٽيننس اين ايڇ اي شڪارپور شرڪت ڪئي ۽ چيو ته نيشنل هاءِ وي اٿارٽي ۽ آبپاشي کاتي کي يقين ڏياريو آهي ته هو ان حوالي سان باخبر آهن ۽ هڪ جاري منصوبي جي ڪري، ريل ۽ مٽي جو مسئلو برقرار رهندو ادارن جي نمائندن يقين ڏياريو ته هلندڙ منصوبي جي مڪمل ٿيڻ تائين ٽرڪن ذريعي استعمال شده روڊن کي روزانو ڌوئڻ ۽ صاف ڪيو ويندو.

بقايا 26 سنڌيار

ڪراچي جي ميمبرن جو رمضان شريف جي حوالي سان اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ مارڪيٽ ڪميٽي ڪراچي جي وائيس چيئرمين سليمان خواجا ۽ مارڪيٽ ڪميٽي ڪراچي جي ميمبرن حاجي اسلم، نادر علي ميمڻ، آغا قدير، عظيم خان، رضوان خان، عدنان احمد، جان عالم جوکيو، حاجي بهرام خان، رفيق بشير، سليم ميمڻ، عبد ميمڻ، محمد گبول افضل خان سميت مارڪيٽ ڪميٽي آفيسر عرفان احمد، انور شاهه ۽ ٻين شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ميمبرن سبزي ۽ فروٽ مارڪيٽ سپرهاءِ وي کي صاف ڪرڻ ۽ انڪروچمينٽ ۽ مارڪيٽ ڪميٽي جي ٽيڪسن ۾ اضافي سان گڏ روينيو ۽ واڌ جي قرارداد جي منظوري ڏني ۽ هفتو صفائي ملهائڻ جو اعلان ڪيو ان موقعي تي مارڪيٽ ڪميٽي جي چيئرمين ڪراچي علي زمان جوکيو اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته رمضان شريف جو بابرڪت مهينو اچي رهيو آهي، جنهن ۾ مارڪيٽ ڪميٽي انتظاميا ٿين سبزي ۽ فروٽ مارڪيٽ ۾ عوام کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي. هن چيو ته واپاري پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندي شهرين کي سستي اگهه تي ڀاڄيون ۽ ميوا فراهم ڪن. علي زمان جوکيو چيو ته مارڪيٽ ۾ صفائي عمل ۾ لاپرواهي ڪندڙ ٺيڪيدار خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. جڏهن ته فوٽ پاٿن ۽ روڊن تي حدخلين جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ۽ مارڪيٽ جي خرابي کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو جڏهن ته ميمبرن پاران ڏنل تجويزن تي غور ڪندي مارڪيٽ ڪميٽي جي طريقيڪار کي وڌائڻ لاءِ آمدني ۾ اضافو ڪيو ويندو ته جيئن مارڪيٽ ڪميٽي جي ساليانا خساري کي ڪنٽرول ڪري سگهجي. ڪاٽيو - ميمبرن مارڪيٽ ڪميٽي چيئرمين تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندي پنهنجي هر ممڪن تعاون جو يقين ڏياريو.

بقايا 27 سنڌيار

سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر غلام الرسول عالماڻي جيڪو 1991 جي فيبروري مهيني ۾ دهشتگرد ڏاڙيلن هٿان حيدرآباد کان سيوهڻ ويندي اغوا ٿيو هو ۽ هڪ مهينو دهشتگرد ڏاڙيلن جي چنبي ۾ رهڻ بعد وڏي رقم تاوان ڀري پنهنجي جان آجي ڪرائي هئي جي هڪ ڀيرو ٻيهر تاوان ۾ چندو جي وڏي رقم ڏيڻ ٻي صورت ۾ جاني نقصان جون ڌمڪيون پيون ملن اڳي اغوا وقت هو سول اسپتال سيوهڻ شريف جو ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ هو اغوا ڪرڻ وقت دهشتگرد ڏاڙيلن سندس صغير معصوم نياڻي جيڪا ڊاڪٽر عالماڻي جي گود ۾ هئي ان کي روئيندي ۽ ڏانهون ڪندڙ حالت ۾ ڊرائيور حوالي ڪري کيس هٿيار جي زور تي اغوا ڪري ويا هئا انهن دهشتگرد گروپ جا ڪافي ڏوهاري قانون نافذ ڪندڙ ادارن سان مقابلن ۾ مارجي چڪا آهن جڏهن ته ڪجهه اڃان زندهه آهن ۽ خطرناڪ دهشتگرد ڏوهاري سرگرمين ۾ ملوث آهن تازو ڊاڪٽر غلام الرسول عالماڻي کي ڪجهه دهشتگرد گروپن ۽ پابندي مڙهيل تنظيمن طرفان وڏي رقم ڏيندي جي گهر ڪئي وئي يا خطرناڪ نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ملي رهيون آهن

بقايا 28 سنڌيار

۾ اسڪولن جي شاگردياڻين توڙي شاگردن شرڪت ڪئي اسڪول جي ٻارن تعليم ڪيتي ڏالا نه ڪهن جي حوالي سان مختلف ٽيبلوز ناهي پيش ڪيا ويا اسڪول جي پروگرام ۾ هيڊ ماستر سائين رمضان ملڪ، تنوير حسين اسدي، ڊاڪٽر اشوڪ ڪمار سائين مير شهاب الدين ٽالپر، فضل محمد شيخ ۽ ڊي او سرور راجپوت ٽي او عبدالله لغاري سائين عبدالرحمان خاصخيلي ميڊم صابرين تقرير ڪندي چيو ته نياڻين کي تعليم ڏيڻ ۽ پيش ايندڙ مسئلن بابت آگاهي ڏيڻ ته نياڻين کي گهر ۽ ٻهارڻ کان بهتر آهي ته نياڻي کي تعليم ڏيارڻ سان هو اڳتي وڌي ٿي پنهنجو حق ۽ عزت جي حقدار ٿي ڪري ڀري بد اخلاق جهالت کان بچي سگهي ٿي سلي سرچ ۽ تربيت ۽ شمارٿي نياڻين لاءِ تعليم سڀ کان وڌيڪ ان جو زيور ۽ عزت ۽ ماشعرو آهي نياڻين کي وڌ مان ڏيئي تعليم ڏيارڻ جي.

بقايا 29 سنڌيار

ته مڃيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو اقبال زهراڻي، امين ڪلمتي سڌير ڪلمتي ۽ ٻين جو مظاهري کي خطاب تفصيل موجب ملير جي علائقي گهگهر ۾ بوليو مهر ۾ ڪم ڪندڙ هيلٿ ورڪرن کي نوڪري تان نيڪالي خلاف اڳواڻ نائب ناظم امين ڪلمتي، سڌير ڪلمتي، وسيم ڪلمتي، اقبال زهراڻي، دلبر ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي انهن مظاهري کي خطاب ڪندي چيو ته ٻين علائقن جي ماڻهن کي ڀرتي ڪري مقامي ماڻهن جي روزگار تي لت ڏني پئي وڃي، جڏهن ته روزگار تي پهريون حق مقامي ماڻهن جو آهي. هنن چيو ته اسان جا جائز مطالبا نه مڃيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 30 سنڌيار

۽ تحريڪ لبيڪ پاڪستان پاران ختم نبوت جي قانون ۾ تبديلي، چونڊن ۾ ڌانڌلي ۽ ڪراچي ۾ مظاهرين تي تشدد خلاف مفتي عمران،مفتي تنوير نقشبندي،حاجي فضل ميمڻ،ڊاڪٽر شمشاد،اقبال غوري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مين مڪ ___ ميرپورخاص روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ختم نبوت واري معاملي ۾ تڪراري بلائڻ جي سازش ٿي رهي آهي،جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي ڪيو ويندو ٻئي طرف چونڊن ۾ ڌانڌلي ڪري اسان جي مينڊيٽ کي ختم ڪيو ويو ۽ مخالفن کي غير آئيني ۽ غير قانوني طريقي سان ڪامياب ڪرايو ويو.

بقايا 31 سنڌيار

حڪومت جون خاطرين لفظي تڪتيون، قاتلن جي گرفتاري لاءِ صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري، وفاقي ۽ صوبائي نگران حڪومت جو علامتي جنازو ڪڍي احتجاج مظاهرو،علامتي بک هڙتال ڪري قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي سکر يونين آف جرنلسٽ پاران سکر پريس ڪلب جي اڳواڻي صدر اينڪرپرسن شهيد جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف اڱاري ڏينهن به ايس يوجي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال بعد وفاقي ۽ صوبائي نگران حڪومت جو علامتي جنازو ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ۽ قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف زوردار نعرا هنيا ويا احتجاج ۾ سکر پريس ڪلب جي صدر آصف ظهير لوڌي ،شهزاد تاباڻي،سليم سهتو ،نصر ،وسيم ،عمر سومرو ،سحرش ڪوڪر ،جلال الدين پيو ،يار محمد سومرو،مجيب ورند ،عنايت پٽي، فقير مشتاق منگريو،علي ڪوسو اورنگزيب ماڪو فرقان ڪوسو ،ابراهيم سومراڻي،بخش علي ڦليوٽو اشفاق ڪوسو ،ناصر جعفري ،شاهه ولي ،انس ملڪ،اصغر عباسي، مرتضيٰ سميجو،جاني پٽي، سجاد سنجراڻي،بابر ڪوڪ، سجاول سومرو عقيل قريشي،نادر سنجراڻي، محمد علي سولنگي،نذير قريشي،ايبرڪيت عزيز ڦليوٽو ،اسلم دايو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته وڏي افسوس جي ڳالهه آهي ته سکرپوليس 198ڏينهن ٿيڻ باوجود شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار نه ڪيو آهي جيڪا سراسر حڪومت ۽ پوليس جي نااهلي آهي جڏهن ته دهشتگردن جي خاتمي واري عدالت به حڪم ڏئي چڪي آهي ته ايف آئي آر ۾ نامزد جوابدار گرفتار ڪيا وڃن پر ان تي سکرپوليس عمل نه پئي ڪري هنن چيو ته جيستائين شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي تيستائين صحافي جدوجهد جاري رکندا.

بقايا 32 سنڌيار

۾ مقابلو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ پوليس سلمان اوڊونالي هڪ ڏوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪيا ويا آهن جڏهن ته سنڌس جا 3 ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، زخمي گرفتار ٿيل جوابدار ڦر ڏاڙن، پوليس مقابلن سميت ڪيترن ئي سنگين واقعن ۾ پوليس کي گهربل هو زخمي گرفتار ٿيل جو وڌيڪ ڏوهن جي رڪارڊ بابت ٿاڻن ۽ مختلف ضلعن جي ٿاڻن مان حاصل ڪئي پئي وڃي .

آفيس آف دي ڊپٽي انسپيڪٽر آف پوليس لاڙڪاڻو رينج

No: GB/ 6303/ 2024 Larkana, Dated: 27-02-2024

هيٺ ڄاڻايل ڪمن جي لاءِ ايس پي پي آر اي رولز 2010 (تازو ٿيل ترميم) تحت دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن/ ڪمپنين کان مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

نمبر	ڪم جو ڏاڪار	ڪل لاڳت (ملين ۾)	سوڻي رقم	ٽينڊر في	مدت تڪميل
1	DIGPآفيس لاڙڪاڻو جي مرمت/ رينوويشن	2ملين	25سيڪڙو	2500	60ڏينهن

ڪورا ٽينڊر فارم هن اشتهار جي شايع ٿيڻ کان وٺي جاري ڪيا ويندا. مڪمل ڀريل ٽينڊر ڪاغذ تاريخ 18-03-2024 تي ٽپهري 03:30 وڳي تائين واپس ورتا ويندا ۽ ساڳئي ڏينهن تي شام 04:00 وڳي پروڪيورمينٽ ڪميٽي جي روبرو ۽ موجود رهڻ وارن خواهشمند ٺيڪيدارن يا انهن جي عيوضين جي اڳيان کوليا ويندا.

شرط ۽ ضابطا

1. ڪورا ٽينڊر ڪاغذ فرمن/ايجنسين کي ٽينڊر في (ناقابل واپسي)عيوض جاري ڪيا ويندا.
2. شرطي، ڪورا، نامڪمل ۽ آڇن سان گڏ ڪال ڊپازٽ شامل ڪرڻ کان سواءِ ٽينڊرن تي غور نه ڪيو ويندو.
3. بااختيار اٿارٽي پاران هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر هجڻ يا حڪومت پاران اعلايل موڪل جي ڪري آفيس بند هجڻ جي صورت ۾ اهي ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ هنڌ تي جمع ڪيا/کوليا ويندا.
4. ايجنسين/فرمن کي سنڌ روينيو بورڊ ۽ انڪم ٽيڪس اٿارٽين کان ۽ ڪان ضرور رجسٽرڊ هئڻ گهرجي.
5. ايجنسين/ٺيڪيدار لاڳاپيل ڪمن جي نوعيت وارن گهٽ ۾ گهٽ 03 ڪم گذريل ٽن سالن ۾ مڪمل ڪيل هئڻ گهرجن.
6. گذريل ٽن سالن جي بئنڪ اسٽيٽمينٽ. جنهن ۾ ساليانو لين دين واري رقم 05 (ميلن) رپيا في سال ظاهر ڪيل هجي.
7. شرڪت لاءِ دلچسپي رکندڙ پي اي سي کان سال 2023-24 لاءِ لاڳاپيل فيلڊ ۽ ڪيٽيگريءَ ۾ ضرور رجسٽر هئڻ گهرجي.
8. بااختيار اٿارٽي کي ايس پي پي آر اي 2010 (تازو ٿيل ترميم) جي لاڳاپيل شق تحت حق حاصل آهي ته ڪوبه يا سمورا واڪ رد ڪري سگهي ٿي.
9. دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن کي اهڙو قسم نامو ٽينڊر ڪاغذن سان شامل ڪرڻ گهرجي ته هو قانوني چارھ جوئيءَ ۾ ملوث ناهي رهيو ۽ حڪومت جي ڪنهن به کاتي جي ڪم کي رولڙي جو شڪار ناهي بڻايو ۽ ڪنهن به حڪومت جي کاتي کان بليڪ لسٽ ٿيل ناهي.

نوٽ: هي اين آءِ ٽي ايس پي پي آر اي جي ويب سائيٽ www.pprasindh.gov.pk ۽ سنڌ پوليس جي ويب سائيٽ www.sindhpolice.gov.pk تي پڻ ڏسي سگهجي ٿي.

معلومات ۽ طريقي ڪار

ٺيڪيدار/ٺيڪيدار فرم ڪمن جي ڏائريڪار سميت آڇن جا مڪمل ڪاغذن جنهن ۾ ڪم جي نوعيت ۽ لاڳاپيل تفصيلن سان گڏ معلومات DIGPلاڙڪاڻو جي آفيس مان ڪنهن به ڪم واري ڏينهن تي حاصل ڪري سگهن ٿا. پروڪيورمينٽ جو طريقو سنگل اسٽيج ون انولپ اختيار ڪرڻ گهرجي.

صحيح
(منظور حسين جوکيو)
ڊي ايس پي ڪمپلينٽ سيل/ ڊي ڊي او
فار ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس
لاڙڪاڻو رينج

INF.KRY.No: 548/2024

پڙهندي سنڌ تہ.......وڌندي سنڌ

نيشنل پوليس فائونڊيشن

پروپوزل لاءِ ڪوٽ (RFP)نوٽيس

نيشنل پوليس فائونڊيشن 10 سيڪڙو ساليانو واڌ سان 10 سالن جي عرصي لاءِ ڪرائي جي بنياد تي O_9 ۽ E_11 هائوسنگ اسڪيم NPF۾ روڊ ڊيوائيڊرز تي گرائونڊ مائونٽ ٿيل اشتهارن لاءِ آر ايف پي تجويزون ڏيڻ جو ارادو رکي ٿو. O_9 ۽ E_11هائوسنگ اسڪيم NPF۾ زميني جڳهن تي موجود جڳهن تي 8x4يا گهٽ سائيز جي اشتهارن جي پائلن ۽ ٻين قابل قبول اشتهاري مواد جي جڳهه هر مهيني ڪرائي جي بنياد تي. پائلن جي تعداد تي ڪا به پابندي نه آهي / ٻين قابل اجازت اشتهاري مواد بشرطيڪ اهي عوام لاءِ تڪليف پيدا نه ڪن. ٽريفڪ ۽ ماحولياتي خطرن ۾ رڪاوٽ نه هجن.

- ■ بڊنگ جي عمل ۾ حصو وٺندڙ ڪمپنيون/فرمز جي اصل ليٽر پيڊ تي سيل ٿيل بوليون واضح طور تي O_9 ۽ E_11 هائوسنگ اسڪيمن لاءِ ڪل آمدني في مهيني ڪرائي تي ڏنل قيمت جو ذڪر ڪندي.
- ■ E_11 ۽ O_9 هائوسنگ اسڪيم نيشنل پوليس فائونڊيشن ۾ روڊ ورهائڻ وارن تي گرائونڊ مائونٽ ٿيل اشتهاري بورڊن جو تجويز ڪيل تعداد ڪمپني/فرم جي اصل ليٽر پيڊ تي جمع ڪرايو وڃي.
- ■ حصو وٺندڙ ڪمپنيون ايف بي آر جي فعال ٽيڪس ادا ڪندڙن جي لسٽ ۾ هجڻ گهرجن. (دستاويز BIDسان ڳنڍيل آهي)
- ■ "نيشنل پوليس فائونڊيشن" جي حق ۾ پي آرڊر جي شڪل ۾ ٻن مهينن جي مقرر ڪيل ماهوار ريٽ سيڪيورٽي طور جمع ڪرايا وڃن.
- ■ ليز جو مدو 10 سال هوندو جنهن ۾ 10 سيڪڙو ساليانو واڌ سان گڏ نيشنل پوليس فائونڊيشن جي منظوري بعد وڌائي سگهجي ٿي.
- ■ تنصيب لاءِ 3 مهينن جي رعايتي مدت ڏني ويندي.
- ■ آپريٽر فرمز PECجي درجي 0_4 ۽ ان کان مٿي ۾ رجسٽر ٿيل (دستاويز BIDسان منسلڪ ڪيو وڃي)

هنڌ:

- ■ 0_9 هائوسنگ اسڪيم نيشنل پوليس فائونڊيشن مين ڊبل روڊ.
- ■ E_11هائوسنگ اسڪيم نيشنل پوليس فائونڊيشن مين ڊبل روڊ.
- ■ 0_9 هائوسنگ اسڪيم نيشنل پوليس فائونڊيشن 7_Aبحريا روڊ.
- ■ 0_9 هائوسنگ اسڪيم نيشنل پوليس فائونڊيشن مين 1_Bمين روڊ.

سيل ٿيل بوليون 14.03.2024 تي 11:30 ڪلاڪ تي هيٺ ڏنل ايڊريس تي جمع/ترسيل ڪيون وينديون. ۽ ساڳئي ڏينهن 11:00 وڳي تي کوليو ويندو. نيشنل پوليس فائونڊيشن PPRAضابطن جي مطابق سيني بلن کي قبول يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

ڊائريڪٽر هائوسنگ, NPF HQ, G-10/4
ماڻو ايريا، اسلام آباد 051.2350100

PID(I)5088/23